آءُ ڪانگا

ڪر ڳال

پيش ڪندڙ

چيتنرام ليکراج ماڙيوالا
اِتهاس اَڌياپڪ،
جئه هند ڪاليج، بمبئي-١.

ڏفعو پهريون   ڊسمبر ١٩٦٦ع

هڪ رپيو

آءُ ڪانگا

ڪر ڳال

پيش ڪندڙ

چيتنرام ليکراج ماڙيوالا

اِتهاس اَڌياپڪ،

جئہ هند ڪاليج، بمبئي-١.

دفعو پهريون

ڊسمبر ١٩٦٦ع

هڪ رپيو

ڀومڪا

اِها خوشيءَ جي ڳالهه آهي تہ سنڌي ٻوليءَ کي ٻين مول ڀارتي ٻولين جي صف ۾ ساڻن هڪ ڪڙو ٿي ٻيهڻ جو آخر شرف مليو آهي. هاڻ سنڌي جاتيءَ جي ذميواري آهي سنڌي ٻوليءَ جي هستي برقرار رکڻ ۽ اُن کي ڪارائتو ثابت ڪرڻ.

ڳالهہ يا آکاڻيءَ ۾ اَنوکو لطف آهي. منجهس ساهتيڪ ۽ اِتهاسڪ رس ڀريل ٿئي ٿو. سنڌ جي ڪنب ڪڙِڇ ۾ خاص طور رات وڳري آکاڻيون ڪهنديون هيون، اَهڙي لطيف طرز ۽ نوع ۾ جو نيٺن کي ننڊ ستائڻ ڇڏي ڏيندي هئي. اِنهن آکاڻين کي قلمبند ڪرڻ ضروري آهي. اَجا بہ اَسان وٽ ڪي اَهڙا سڄڻ آهن جن کي اِهي آکاڻيون بر زبان ياد آهن. اِهو اَباڻو ورثو هتان وڃائڻ نہ گهرجي. هن ننڍڙي ڪتاب ۾ ڪي ڪهاڻيون ڏنيون ويون آهن اِنهيءَ مراد سان تہ من ڪي سڄڻ منجهائن متاثر ٿي گوڏ و ڪوڙي، نج سنڌي آکاڻيون اَصلوڪي روپ ۾ گڏ ڪن ۽ اُهي ڇپائي سنڌي جاتيءَ کي نئين سر رس وٺائين.

ٻمبئي-١٦ — شيوا ۾

١٢ ڊسمبر ١٩٦٦ع — چيتن ماڙيوالا

اَرپيم

سِڪ سان

سنڌيءَ جي شائقن کي،

سنڌي ٻوليءَ جي ڀارتي وڌان جي آٺين شيڊول ۾

مول ڀارتي ٻولين ۾ شمار ٿيڻ جي موقعي تي.

Printed by Damodar Khemchand Bhambra at Laxmi Offset & Printing Works, Ballard Pier, Bombay, I. & Pitamberdas Sahijram at Kothari Printing Works, Sambava Chambers, Sir Phirozshah Mehta Road, Fort, Bombay-I. (Only Pages 33-46) & Published by Shri C. L. Mariwalla, 3/I, Mahalaxmi Colony, 120, Manmala Tank Road, Bombay-16.

مومل ۽ مينڌڙي جي ڳالهه

عيسوي چوڏهين پندرهين صديءَ جي ڳالهه آهي، جڏهن سنڌڙي حصن ۾ وراهيل هوندي هئي ۽ هر هڪ ٽڪر تي الڳ حاڪم هوندو هو. تنهن سمي ماٿيلي جو راڄ-ڌڻي هو راجا نند. راجا نند کي ڌيئرن جو ڌڻ هو- سڀيئون ساريئون نوَ نياڻيون. تن مان سومل جي پنهنجي سياڻپ سبب ۽ مومل جي پنهنجي موهيندڙ مهانڊي ڪارڻ چڱي ساک ۽ هاڪ هئي. راجا نند صرفو ڪري ۽ ٻيءَ طرح چڱي ملڪيت ٺاهي هئي، جا ساري هن درياهه جي پيٽ ۾ پورائي ڇڏي هئي. وٽس هڪ سونو جو ڏند هو، جنهن جي حڪمت سان درياهه سڪي پيٽ مان پيچرو ڏيندو هو ۽ اُن جي اوٽ تي ئي راجا پنهنجي ملڪيت محفوظ رکي سگهيو هو. پر هڪ لڳا ڪڏهن فقير، راجا جي ملڪيت جي چڪاس جو لقاءُ ڏٺو هو ۽ سندس دل سڙڪي هئي ته اِها سموري هٿ ڪري، حياتيءَ جا باقي ڏينهن هوند سکيءَ گذاريان! سو وجهه وٺي اَچي راجا جي محل ٻاهران ڪنهن ڏاڙي سين هنيائين، جڏهن راجا نند شڪار تي ويل هو ۽ سندس

آءُ ڪانگا ڪر ڳالھ

ڏانهن نہ جي پنهنجي ڦهلائيءَ سبب هڪ ملڪيت
وڃائي آئيءَ، نہ پنهنجي ڇل ڦل سان ٻي ٺاهي ونئي.

جي راجا نند کي لياٽين جي چالاڪ پٽاري پيئي هئي،
نہ هن ڪا پنهنجي جوابداري وساري ڪين ڇڏي.
هن، سندس ديک ڀال، شيوا ٽهل، خدمت چاڪريءَ ڪاڻ
خاطر - خواہ ٻانهين ۽ سهيلين جو پربند ڪيو هو، جن ۾
ناڻ خاص طور پنهنجي ناٿي سان هئي. صلاح اِها ٻيٺي
تہ ڪاڪ ڪڙيءَ جي ڪنڌي تي، لياڻي جي آناهن ۽ ويران،
پٽ تي باغن بوستانن ۽ گهاٽي وڻڪار وچ مومل جي ماڙي
ڪڙي ڪجي. ۽ ماڙيءَ تي رسڻ خاطر سپ واهڙون ۽ وانون
ڀوائتن ۽ ڀينڪر طلسمي نظارن سان جهنجهجن. ٻوءِ منادي
ڦيرائجي تہ جيڪو ماڻهو مڙس مومل جي ماڙيءَ تي
سڄين لڱين پهچي ويندو، تنهنجي گلي ۾ چنب مڪڙي
واري راجا نند جي لياٽي جنہ-مالها وجهندي. مومل جي
سونهن جي تہ هر هنڌ هاڪ پيل آهي؛ جنهن ويل جنگ
جوانن کي هيءَ هوڪو پهچندو تنهن مهل، بنا ٽهلڻ جي،
اچي هت حاضر ٿيندا؛ پر جادوءَ ڪامڻ جي رچايل رنگ ۾ اهڙو
ڦسلجي ويندا، جو مومل تائين پهچڻ جي سڌ پوري ٿيڻ
نہ پري رهي، پنهنجي جند ڇڏائڻ ئي محال ٿي پوندين.
اهڙن سڌرن جي ڇڏيل پٺسي ۽ مال مان جهٽ وڃايل
ملڪيت وري ٺهي پوندي.

سياڻي ڏيءُ سومل پڻ ساڻ هيس. فقير جي پاڏائيندڙ
آواز تي مومل ٻاهر نڪري آئي ۽ فقير کان پڇيائين ته
ڇا گھرجيئي؟ فقير کي سونو وجهه ملي ويو، تنهن سونر
جي ڏند لاءِ وات وڌو. مومل سمجهي نه سگهي (ڇو ته
کيس ڏند جي ڪرامت جي ڪل ئي ڪانه هئي) ته
سونر جو ڏند فقير لاءِ ڪهڙي ڪم جو ٿيندو، جيتوڻيڪ
کيس ياد هو ته راجا وٽ هڪ سونر جو ڏند هو ضرور،
جو هوءَ اندر تجوريءَ ۾ رکندو هو. تنهن ڪري هن فقير
کي چيو ته ٻيو ڪي گهر جو توکي ڏجهه ڪمائڻو ٿئي،
باقي سونر جو ڏند توکي ڇا ڪندين! پر فقير پنهنجي
هوڏ تي قائم رهيو ۽ مومل جاتو ته مست فقير آهي، جيڪي
دل چيو اٿس تنهن لاءِ ڪٿي سبب هئين اٿائين. راجا کي
ڌري سونر جي ڏند جي ڪهڙي خاص گهرج آهي؛ سو
پيا ڪنهن هر تم جي ڏند آڻي فقير کي ڏنائين، جو دل
گهريو دان وٺي، مومل کي آسيسون ڪندو، رمندو رهيو.
راجا جڏهن شڪار تان موٽيو ۽ ڪم پئي تجوري کوليائين،
ته ڏند نهي ئي ڪين! پڇا مان پتو پيس ته مومل ته اهو
ڪنهن فقير کي ڏيئي ڇڏيو هو!! محل ۾ مالڏاڏو مچي ويو،
هانيدوس ٿي ويئي. مومل سائي هئب ٿيڻ لڳي. ناٿر،
سندس خاص ٻانهيءَ، ڏٺو ته گهر ٿو ٻڏهي؛ سو راجا کي چيائين
ته دل نه لاهيو، آسين توهانکي جهٽ اوهانجي وڃايل
ملڪيت ميڙي ڏيندا سين، ۽ مومل کي پنهنجي سر آئت

هڪ اُلوڪي لالائي پئجي ٻڪي؛ جهڙي پره ڦٽي پرڀات ويل نظر ايندي آهي، باقي مڙس پر اُهڃاڻ سڀ آسُودگيءَ جا ئي چٽا ڏسڻ پئجي آيا- بدن تي پيوت برابر لڳل هئي، پر سندس سائي شال، ڳچيءَ جي سون ڳري، ۽ ٻڳه مان عطر جي دل-خوش بوءِ. اَچرج ۽ اِسرار چئن ئي يارن کي حقيقت ڄاڻڻ لاءِ منتظر ڪيو. سندن سوال تي سائي سال واري ساميءَ پنهنجي ڪهاڻي پيرانتيءَ طرح ڪين سڻائي ته ڪيئن هن مومل کي رسڻ پر نه فقط ملڪيت وڃائي هئي، پر سويل جي سڪ ڪيس هڪ لاهُوتي فقير بڻائي ڇڏيو هو. اَهڙي ڪا ليئهن جي لوڪ ڇپي ويل ئي ڏٺيس، جو مومل جي نالي ڳنهندي ڇنل ڦٽ ڇڪي ٿي پيا. ساميءَ جي ڳالهه سڻي، يارن کي اَچي رهڇڪ ڪميو ته هلي ڏسجي ته اِها مومل آهي ڪهڙي وَٿ، جا سون کي ٿي هيسائي. سو واڳُون ڦيرائي، يارن رخ رکيو مومل جي ماڙيءَ ڏي، ۽ ڇڀي ڏيئي، گهوڙا ڊوڙائيندا، جهٽ اَچي مومل جي ماندڻ کي رسيا.

گهوڙا، مومل جي ماڙيءَ طرف ايندا ڏسي، ناتر، سائڻ کي آگاه ڪري، سندن آءَ ياءَ لاءِ هيٺ اَچي ٻاهر بيٺي. رنگ ٻرنگ جاچي، سندن خوب مرحبا ڪيائين. اَحوال ڏيڻ وٺڻ بعد هوءَ مهمانن جي اَچڻ جو اِطلاع ڏيڻ سانگي مٿي ويئي، ۽ مومل کي دل گهريو اَحوال ڏيڻ بعد مهمانن وٽ موٽي آئي؛ پر سندس همت پر هيڻو هڪ منجهيل پٽ جو

نانءُ ڪي ماندائڻ معنبڙ ۾ خاص وهم ڪانه لڳي.
ويران پٽ وسي ويو - دل-بهار باغ ڪڙي بيٺا، جن جي
گلن ۽ ميون، ۽ سڳنڌن ۽ سرهاڻن ملڪ واسي ڇڏيو.
اِهن گلن ۽ ميون، وڻن ۽ ٻوٽن جي وچ ۾ بيٺل ماڙي
پڻ دلڪش هئي. وچ جو ول ڇل پڻ پنهنجو مٽ پاڻ
هو. اتر به ڪٿي اهي لال رچيا هئا، جو جبرو جوان به
جي هنياءُ جهلي سگهي!! رنگ رچي راس ٿيو نه ٻڙهو
گهميو. هيءَ خوش-خبر ڪنوڻ جيان ڪڙجي. ويٺي ۽ ڪٿين
عاشق ۽ شائق ڏوڪيندا آيا. پر ڪو به مومل تائين رسي نه
سگهيو. هرڪو وچ رستي تي سڌ ٻڌ وڃايو، وقتي جان
تان به هٿ ڪنيو تي ويو، يا نه ٻانولو ٻڻجي، هڙ قرائي،
رڻ پٽ ۾ هڻ پٽ ۾ حياتيءَ جا باقي ڏهاڙا ٿي گهاريا!!

اَهڙو هڪ سگهارو شيدائي، ٻانولو ٿيو پٿي ٻر قريو، نه
اِئين اوچتو دز اڏائيندا چار گهوڙيسوار اَچي اُت پهتا، ۽
مڙس جو رنگ ٻنگ ڏسي دنگ رهجي ويا. اِهي چار
يار هئا ڏؤر پني، شيهڙو ڏماچ ٽي، راٺو سوڍو ۽ سندن
سردار، عمرڪوٽ جو راڄڌڻي، همير سومرو. سندن ياراڻي
هاڪاري هئي - مڙيئي جرئت-پريا جانباز، شوقين شهباز،
اُٺن وهن گڏ، کائين پيئن گڏ، گهمن ڦرن گڏ، ٻهن ڪن گڏ،
هن دفعي گڏ شڪار تي نڪتا هئا ۽ خوب مرون ماريندا،
گهوڙن جون شرطون ٻڌائيندا، هن پٽ اَچي نڪتا هئا،
جتي ٻانڪو ٻانولو ٿيو پٿي پنڪيو. سندس منهن مان

آيو راڻي جو. راڻو ٻهرئين کان ٻهري سڄاڳ هو. تنهن هن
سان ٻڻ گوڇاڻون ڪرڻ کان باز نه آئي. هڪ هنڌ وچ
واٽ تي ڪمس چڙي، هوءَ ترڪي ٿي ويئي، ته راڻي سيگهه
ڪري ڪٽي ڇوٽيءَ ۾ همٿ وڌس. تڏهن به ڪي ڪٽي
چنبلائي چڙي، سو مور نه. اڳتي هلي، راڻي کي
ٿورو ٿيلهو ڏيئي، ناڙ وڪڙ ۾ الوپ ٿي ويئي ۽ راڻو
اچي هڪ چشمي جي ڪنڌي تي سهڙيو، جنهن پار ٿي
مومل جي ماڙي هئي. راڻو ڏٺو اصل ڪين، مگر ڪي قدر
خفي ضرور ٿيو. اهي ڪيس ويچار آيو ته جن ڪلن جا ڪڙڪا
۽ مرن جا ذمچر بلڪل ٿي جادو طلسم جا هئا، متان هيءُ
چشمو، جنهن ۾ پاڻي چولون پيو ماري، سو ٻڻ بناوٽي
ڪيل هجي! سو ڇڪاس لهڻ جي خيال کان هن چشمي
طرف هڪ سوپاري اڇلائي، جا ڪانچ (شيشي) تي ٺڪ ٺڪ
ڪندي، غائب ٿي ويئي. هاڻ راڻي جي رهيل کهيل
گهٻراهٽ ٻڻ هٽي بيٺي، ۽ هو مومل جي ماڙيءَ ڏي
وک وڌائيندو، متي چڙهي ويو. مومل، راڻي کي پريان ٿي
ڏسي اندر ۾ گدگد ٿيڻ لڳي، پر ٻاهريون ڏکو رکندي،
هڪل ڪيائينس: "هيءَ گستاخي توکي سنهائي؛ هتي
پري ٿيءُ، ڪتي خطا نه ڪائين". راڻو هاڻ جهلجڻ وارو
ڪٿي هو. هو به مومل موچاريءَ تي اکن ڇڪن ٿي پيو هو،
۽ پريائين پانهي ورنو هٽائين نه. هوءَ اجايو ميٺهن ڪري
رهي هئي. سو وک وڌي، نه ڪندي، ٻانهن ورائيندي،

ڦورو هو. مهمانن جي مخاطب ٿي، چيائين: ”ڀلارن ٻڪ ۽
هيءُ ڦورو سمجهاڻي ڏيو“. مڙيئي مڙس منجهي ويا. پر
راڻو هو سياڻو، تنهن ڦورو ورتي، وڏي ڏکي، اُن مان
ڪٽي گهوڙي جو سهڻو مڪٽهارو ٺاهيو. تنهن وچ ۾ ناڻو وجهي،
سا سمڊن لاءِ ڪاڄ ٻڌي آئي. ٻڪ ڏاڍي هين، سو مڙني
گره ڪاڻڻ لاءِ هٿ وڌايو؛ پر راڻي روڪين. تسرين وارن
طعامن مان ذرو ڪٽي، سامهون ٻکايل ڪتي طرف ڦيڪيائين؛
ڪتو مال ڪائي اُتيئي ڍير ٿي پيو. مومل جو ٻيو وار
ٻه گسي ويو. هاڻ هڪ هڪ ٿي هليا مومل جو ماهتاب
مڪڙو ڀسڻ. ڀلارن همير سومري وارو ورتو. پانهيءَ ساڻ سرنگهه
۾ گهڙيو. پر لڪ ٿي ڪين لنگهيو هو، نه ناڻو گسڪو
پاڻي، گم ٿي ويئي. هڪڙو لنگهه سوڙهو، ٻيو اونده اُنڌوڪار،
مٿان جو ڪلن جا ڪڙڪات شروع ٿي ويا، تنهن مڙس کي
مانڊو ڪري ڇڏيو. هٿوراڙيون هڻندو، مس ڪري همير
اَچي همراهن سان مليو، ۽ ساٿس ڪيل ڪار جو اَحوال
ٻين کي ٻڌايائين. اُنهيءَ ئي مومل جي ٻچ ڦٽي ڪري،
مڙني واپس ورڻ جو ويچار ڪيو. پر راڻي ڪين ڪيڏي
سڏي، کجهه پڙڪايو، جنهن ڪري سڀ ترسي پيا، ۽
باقي دوستن ڀيهنجو وارو وٺڻ جو سندرو ٻڌو. همير ڪانپوءِ
ڏوڻر هليو ۽ تنهن ڪانپوءِ شينهڙو. پر ڪلن جي ڪڙڪات
۽ جانورن جي گجڪار سندن دم ٻڻ مٿ ۾ آڻي ڇڏيو،
۽ پانهن پري، رلي پني، اَچي دوستن سان مليا. آخر وارو

ڏاچيءَ تي سوار ٿي اچي عمرڪوٽ سهڙيو. هاڻي هر رات راڻو ائين ڪرڻ لڳو. پر سندس هيءَ روش ڪانئس سواءِ ڪنهن کي به ڪين ڀاءِ پيئي. سندس گهر واريءَ ڏٺو ته راڻي جو رخ هاڻ گهڻو ڦريل هو. تنهن ڪان سواءِ هوءَ هر روز اچي گل جهڙي چادر هنڌ تي وڇي ۽ صبوح جو اٿڻ ويل ان تي ڳاڙهي، ڌوڙ جا داغ لڳائي پيا هجن. همير سومري کي پڻ شڪ جاڳيو ته هيءَ جو راڻو دربار ۾ موڳو موڳو ٿي لڳو تنهنجو ڪارڻ ڪهڙو هو!! مٿان جو راڻي جي گهر واريءَ جي دانهن ڪن تي آيس ته جاچ ڪرائڻ ضروري سمجهيائين. هوڏانهن جو مومل جو راڻي سان لينهن ٻڌجهي ويو هو، ته ڪانئس سواءِ وقت ڏکي پوندو هوس. اها رونڪار سندس پيءَ کي نه آئڙي، چاڪاڻ ته هاڻ مومل ۽ مينڌري جي پرپت پڪي ٿيڻ لي کيس مفت جون ملڪيتون ملڻ بند ٿي ويون. تنهنڪري هن سومل کي هدايتون ڏنيون ته هنن ٻن جي سنڀ ۾ ڪنهن ريت وڃي رنڊو وجهي. همير کي جاچ پڙتال مان پتو پيو ته برابر هر رات راڻو ڏاچيءَ تي سوار ٿي، ڪيڏانهن لڪي ويندو هو، ۽ پره ڦٽيءَ کان اڳ، ٿي واپس اچي ويندو هو. ٻي ڪا سولي واهه نه ڏسي، ڏاچيءَ کي ختم ڪري، راڻي جو وهٽ ٻيا مومل کي رسڻ ناممڪن ڪيو ويو. انهيءَ رات راڻي جو پيرو پيو. جت تي اچي مٿيو، جنهن مينڌري جو غصو پرو ڪرڻ خاطر چيو ته "سائين! ڳالهه ڪهڙي

وڃي سندس لڳہ کٽ تي ويٺو. هاڻ تہ مومل جو رهيو کهيو حجاب ٻڻ ويندو رهيو ۽ هوُ پاڻ ۾ روح رچنديُن ڳالهين ۾ رُڌيي ويا. ڳچ وير بعد مس ميندڙي کي سمڪ پيئي تہ سندس يار سندس ئي وات نهاريندا هوندا. سو مومل کان مس ڪري موڪلائي، هر رات اچڻ جو انجام اقرار ڪري، موٽي آيو ۽ اچي دوستن سان مليو، جن هيڏي دير جو ڪارڻ پڇيس. راڻو حقيقت بنہ آلي ويو، ۽ ڪين پڪ ڏيارائين تہ هوُ ٻڻ ناتر جي ور چڙهي، وڃڻ کي ويو هو. پر قسمت زور هيس جو جبري مشاڪوہ کان پوءِ گس لهي، هوُ ساڻن اچي ملي سگهيو هو. سيئي دوست اَندر جي اَندر ۾ سانڊي، مومل جي ٻچر چڏي، لغامن کي چٻي ڏيئي، عمرڪوٽ اُسهيا.

قول ڪري ميندڙو بہ ڦرڻ وارو مڙس ڪين هو. ويتر جو مومل تي پاڻ بہ هرڪ هاري ويٺو هو، سو جئن سنجها ٿي تہ مومل جي تات ٻچر اچي ورايس. جت کي تاڪيد ڪري ڇڏيو هئائين تہ ڏاچي تيار هجي. رات جو جڏهن سڀ وڃي آرامي ٿيا تڏهن هوُ لنب جو مڪر ڪري، پاسو ورائي سمهي پيو، ۽ جڏهن پڪ ٿيس تہ سندس گهر واري ٻڻ اگهور ننڊ جي حوالي ٿي چڪي هئي، تڏهن ڏاچي پلاڻي، رخ رکيائين مومل جي ماڙيءَ ڏي. ڏاچي بہ واگهہ هئي، سو هيڏو پنڌ طيءِ ڪرڻ ۾ خاص وير نہ وڌائين، ۽ ميندڙو اچي مومل کي مليو. خوب وندر ورونهہ بعد مومل کي سمهاري، ميندڙو وري

راڻيءَ سان دوستاڻو سنبنڌ جوڙيائين. مومل ۽ ميندڙو ڇڱا ڀلا گهائل مائل ٿي ويا ۽ راڻو هر روز مومل وٽ چوپڙ راند کيڏڻ ڪاڻ اچڻ لڳو. مومل في الحال الهيءَ ۾ ٿي راضي هئي. مهاڻان پريون هيءَ جوڙو ڏسي، سهي نه سگهيون. هڪ ڏينهن چوپڙ کيڏندي جڏهن مومل پاڻ ڏارو ٿي اُڇلايو ته ڪڙي جي آستين ڪجهه مٿيرو ٿي ويئي ۽ هن جي ٻانهن جو ڪجهه حصو ظاهر ٿي پيو. راڻي جي نظر ٻانهن تي نشان تي پئجي ويئي، جنهن مان پڪ ٿيس ته سوداگر حقيقت ۾ مومل هئي ۽ وڻجارڪو ويس جاڻي ٻجهي کيس گمراهه ڪرڻ ڪاڻ رچيو ويو هو. شڪل ٻنهه ناسٽي هٽي ويس ۽ هڪدم اٿي ڪڙو ٿيو. مومل حد آزيون نيزاريون ڪيون ۽ کيس حق سچاڻڻ لاءِ ايلاز ڪيا، مگر ورلو ڪجهه به ڪين. آخر مومل اينرو به چيس ته ڪالهس سواءِ سندس جيئڻ محال هو ۽ هوءَ وڃي ڏاگهه چڙهندي. ڏهن به راڻي کي ڪو ماٺ ترس نه آيو. مومل جي چوڻ تي جلائڻ ڪاڻين جو آڙاهه تيار ڪيو ويو ۽ نيڪ مهل مومل مچ ۾ مهن وجهي، وڃي اُلڪ کي ملي. راڻي کي جا سڌ ملي، سو سهڪندو آيو ۽ گهڻائي واجهه وڌائين، پر ٻچائڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر آگ مومل کي ويڙهي ڪوڙي چڪي هئي. راڻو پاڻ اُڏير تي چڪو هو. وڌيڪ وير وڃڻ مان ورڻو ڪي ڪين هو، تنهنڪري هوُ به ٽپو ڏيئي وڃي مومل سان مليو.

آهي!! اِنهيءَ ڏاچيءَ جو ڪونرو به ماءُ جهڙوئي آهي؛ سڀاڻي اُهو آڻي حاضر ڪندس. لڏهن مس راڻو باز آيو ۽ سور في الحال بي ويو. ورندي رات جو ڪمواٽ تي سوار ٿي، ميندڙو هليو مومل ڏي. مگر هڪ رات جي ويرم ضرور پيئي هئي. سومل کي نه اُهڙو وجهه کپندو هو، سو ناتر کي سمجهائي، پاڻ وڃي مومل جي پير ۾ ليٽي. ناتر، راڻي کي لڪڙو ايندو ڏسي، کيس آگاه ڪيو ته هوُ ڪالهه ڪين آيو هو، جڏهن ڪري مومل اَڄ ڪنهن ٻئي سان وڃي آرامي ٿي هئي. ميندڙي کي هرگز اعتبار نه آيو. پر جڏهن مومل جي ڪمري ۾ پير رکيائين نه دنگ رهجي ويو. مومل برابر ڪنهن ڌارئي جي آغوش ۾ هئي. جوش وٺي ويس. پهرين نه ويچار آيس نه مومل کي هن بي-وفائيءَ جو مزو چکايان؛ پر جهٽ خيال ڦيرايائين ۽ پنهنجي شمشير، نشانيءَ طور مٿن ڪان رکي، پويان پير ڪري، اَچي عمرڪوٽ پهتو. هاڻ مومل تان دل صفا کڄي ويس.

ٻيا نه سڀ راضي ٿيا، پر مومل لاءِ ميندڙي ڌاران هر پلڪ پهاڙ، ساري ويل وه ۽ جيئڻ جنجال ٿي پيا. گهڻائي حيلا هلايائين، نياپا نيايائين، قاصد موڪليائين، پر سڀ ڪوششون بي سود ثابت ٿيون - راڻو ڪين موٽيو، ڪين آيو. هاڻ مومل ڪاڪ ڪڙي سمجهي، پاڻ خود ميندڙي کي ملڻ ڪاڻ اُٿي هلي. سوداگر جو ويس ڪري، عمرڪوٽ ۾ اَچي ڪوٺي وڌائين ۽ آهستي آهستي

سنڌ تي سامان سنڀاهي، ڪونروءَ ۽ سعدس ماءُ مرڪي
وهٽ پلاڻي، وطن واري ندي اُڪري، اچي ديول ڪوٽ
۾ سهڙيون. هتيڪن ماڻهن مان پتو لڳن ته سعدن ڪم
جکري وزير مان اوس ۽ آسان رهت ٿيندو. سو، ساهس
ساري، ڪو سچائل شخص ساڻ ڪري، آيون جکري
جي جاءِ تي، ۽ وجهه ملڻ تي ساڻس سربستو حال اوريائون.
پيرائتي رهت حقيقت کان واقف ٿي، جکري وزير سودو
سڦرو سمجهي، ڪين دلداري ڏني ته ”رکو رب تي، سڀ
چڱي ٿي پوندي.“ سوچيائين ته چنيسر جام، ڪونروءَ
جهڙي ڪنوار حاصل ڪري، پاڻ مٿس وڏيڪ راضي
ٿيندو.

هڪ ڏينهن وجهه ملندي، جکري پنهنجي حاڪم سان
ڪونروءَ جو ذڪر ڇيڙيو. ڪونروءَ جي سونهن جو وسعار
سڻي، چنيسر ڀورين برابر ڪي ڪجهه هر ڪيو، پر پنهنجي
پٽ-راڻيءَ ليلا جي ياد ايندي ئي هن آئل آڇ موٽائي
ڇڏي. ليلا، چنيسر کي اهڙو چؤکنيو پنهنجي وس ڪري
ڇڏيو هو، جو جکري کي لاچار نراس ٿي ورڻو پيو، ۽
جڏهن ڪونروءَ ۽ ماڻس کي جواب ڏنائين ته سعدن ڇيه ٿي
ڇڄي پيا. آخر پيو ڪو اپاءُ نه ڏسي، ماءُ ڌيءَ رٿ رٿي ته
محل ۾ پورهيتيون ٿي ڪم ڪري، ڪنهن پر راڻي رجهايون.
اِنهيءَ ڪارڻ مال اسباب نيڪال ڪري، غريباڻو لباس
پهري، لنگهي وييون ليلا وٽ. ڪيس ليلائيندي چيائون،
”ساڻڻ، زماني جي ڏولاون اسانجو هيءُ هيڻو حال ڪيو

ليلا-چنيسر جي ڳالهه

عيسوي تيرهين ۽ چوڏهين صدين ۾ سنڌ ۾ سومرن جو راڄ هو. انهيءَ عرصي ۾ چنيسر جام، (١٢٨٨-١٣٠٦)، ديول ڪوٽ جو حاڪم، ناميارو راڄ-ڌڻي ٿي گذريو آهي. سومرن جي داسڙو شاخ جو جام چنيسر، حشمت ۽ حسن جي ڪري هر هنڌ هاڪارو هو. سيڪا سونهن-مٽي سندس سهاڳڻ لاءِ سڪندي هئي.

ساڳئي وقت سولنڪي-راجپوت راڻو ڪنگهار، لکپت بندر جو صوبو هو. کيس ڪونروءَ نالي هڪ نياڻي هئي. ڪونرو سونهن ۽ سمجهه ۾ سڀ، پنهنجو مٽ پاڻ هئي. ڪنهن ڏينهن ڪونروءَ هيج منجهان پئي پاڻ سجايو ته سندس سهيليءَ مٿس چٿر ڪندي چيو، ”هار سينگار ته ائين پئي ڪرين، پر چنيسر سان چاهه رکيو اٿيئي!“ هن طعني ڪونروءَ کي تمام ڪري وڌو. هوءَ اڻ-ڏٺو چنيسر تي ڇري ٿي پيئي. راڻي ڪنگهار کي جڏهن هن ماجرا جي خبر ملي ته هو، چنيسر سان سڱ ڳنڍڻ لاءِ ته خواهان ٿيو؛ اُلٽو فقط ايترو هو ته جيڪڏهن چنيسر ناڪار ڪئي ته ڳالهه ڪسي ٿي پوندي. انهيءَ ڪارڻ اها رٿ ويهاري وئي ته ڪونرو ۽ سندس ماءُ وڻجارڪو ويس ڪري، ڪنهن پر چنيسر کي رجهائي، من جي مراد پوري ڪن.

سندس خاص دل هئي. هار ڏسي سندس لڙڪ نڪرڻ لڳا. هار
لي دل آهڙي سرڪي ويس جو ڪوئروءَ کي للڪار ڪندي
چيائين: "گهر جيڪي گهرڻو هجيئي، پر اِهو هار موٽڪي
ڏي." ڪوئروءَ به هيءُ سوال وجهه هٿان نه وڃائيندي،
چيو، "هار هوند توهان گهوري ڇڏيان جي چنيسر جام
سان هڪ رات رهاڻ ڪرڻ ڏيو." ليلا هار لي آهڙو هرڪ
هاري ويٺي جو سمڪ ڪاله رهيس نه کهڙو قهر ٿي
ڪريان، ۽ ڪوئروءَ کي هڪدم ڪٽي "ها" ڪيائين.

ٻئي رات قضا سان چنيسر نشي ۾ آلوٽ ٿي رات جو
دير سان پنهنجي ڪمري ۾ آيو. ليلا پنهنجي هٿن سان
سندس ٻانهن ڪوئروءَ کي ڏنئي، پاڻ نڪري ويئي.
ڪوئروءَ ڪيتري ئي ڪوشش ڪئي ته چنيسر کي سڄاڳ
ڪريان، پر هو آهڙي غشيءَ ۾ هو، جو جاڳ ٿئيس ئي
ڇو ٿي! ڪوئروءَ سندس پيرانديءَ کان پٺ ۾ ويهي اوجاڳو
ڪيندي رهي، تانجو اُسر جو پاسو ورائيندي، نرالي همت
ڇهندي، چنيسر اک پٽي. ليلا بدران ڪوئروءَ پسي، سندس
حيرت جي حد نه رهي. ڪجهه ڇل ڪپٽ يا ريب سمجهي هن
ڪوئروءَ کي سخت ڇنڊيو، مگر جڏهن ڪوئروءَ جي واتان
حقيقت ڪنن سان ٻڌائين ته طاق لڳي ويس، ۽ سالن
جي محبت، منٽن ۾ ميٽجي ويئي. ڪوئروءَ جي قربانيءَ
جو قدر ڪري، ليلا کي دل تان لاهي ڇڏيائين. ليلا کي
نه خواب خيال به ڪين هو نه مٿس ڪو اهڙو وقت وهندو، سو

آهي. ڏٺيءِ توسان ور ڪيو آهي. اَسان تي جي هٿ رکين ته دعائون ڪنديونسون. گهرُو ڪم بخوبيءَ ڄاڻون، وسون ڪين گهٽائينديونسين. ڪجهه ٻاجهه ڪر." ليلا جي دل نيٺ پگهري ۽ ڪونروءَ ۽ سندس ماءُ کي پاڻ وٽ ڪم ڪاج لاءِ رکيائين.

وقت پنهنجي رفتار وٺيو ٿي هلندو رهيو، مگر مرڪيءَ ۽ سندس ليلاڻيءَ کي چنيسر ڄام هٿ ڪرڻ جو وجهه ڪين مليو. سپاويڪ ٻئي دلگير ٿيڻ لڳيون. ڪونروُ ويچاري ته لکي چپي ويٺي هئجون هاريندي هئي. هڪ لڳا، چنيسر جو سيج وڇائيندي، ڪيس پيڪا ڏينهن ياد آيا ۽ اَچانڪ سندس اَکين اَجهل لڙڪ لاڙڻ شروع ڪري ڇڏيا. اِتي ڪنهن سانگي ليلا به اَچي سهڙي، جنهن ڪانئس ڳوڙهن ڳاڙڻ جو ڪارڻ پڇيو. ڪونروءَ گهڻوئي ٽاريو، پر نيٺ سوُر سلڻو پيس. چوڻ لڳي ته "سائڻ آءٌ به تو وانگيان هندورن ۾ پلي آهيان. جنهن ويل آءٌ ويس وڳا ڪري، نولکو هار ڳچيءَ ۾ وجهي، تيار ٿيندي هيس، ته هار جا موتي ماڻڪ اَهڙا ٻهڪندا هئا جو اونده ۾ سج وارو سوجهرو ٿي پوندو هو. اُهي سڪر ڏينهن ساريندي نيڻ پرجي آيم." ڪونروءَ جي ڪهاڻي ليلا کي دل سان نه لڳي، سو ثابتي گهريائينس؛ جنهن تي هوءَ سٽ ڏيئي، دٻلي کڻي آئي ۽ جنهن ۾ پنهنجو نو-لکو هار ٻاهر ڪڍيائين، ته ڪمري جي ٻهڪ ٻيڻي ٿي پيئي. ليلا سڀاءَ جي ڪجهه چلولي هئي ۽ مٽين سان

سورٺ ۽ راءِ ڏياچ جي ڳالهه

ڪنهن سمي ڪاٺياواڙ ۾ سنڌ جي سما ڪٽنب جي راجپوتن جو راڄ هو. اِهو راڄ عيسوي نائين صديءَ جي پوئاريءَ ۾ راءِ چوڙا، ونٿليءَ ۾ گادي وجهي، شروع ڪيو هو. سندس ونش مان ئي عيسوي ٻارهين صديءَ جي شروعات ۾ راءِ ڏياچ يا دياچ، ڏاج ۽ ڏيا وارو سردار پيدا ٿيو. چوڏس چوڌار سندس ڌاڪو وڳل هو. گرنار جو گهوٽ، چوڙا-سمن جو نڪ، راءِ ڏياچ ئي هو. اُنهيءَ سمي اَنيراءِ اپتروئي ناليرو راجا گجرات ڏيهه جو راڄ-ڌڻي هو. زور-آزمائيءَ جو ٻج راجپوتن جي جڙ رت ۾ پيل هو. سو راءِ ڏياچ، راجا اَنيراءِ کي ڪهڻ ڪاڻ ڪڄايو. حقيقت هن ريت هئي ته راجا اَنيراءِ، پاڳهي راڻي جي ڌيءُ جو سڱ قبوليو هو. رتنو، راءِ ڏياچ جي ڏيهه جو رهاڪو هو. هڪ ڏينهن رتنو مڱڻ سڀاهي، صبح ساڻ ڪري، شرنائي ۽ ساز جي آواز سان راڄ-محل وٽان اچي لانگهائو ٿيو. راءِ ڏياچ به ڪو دريءَ کان نظارو ڏسي رهيو هو- نظر وجهي صبح تي پيس. پڇا مان پتو پيس ته پاڳيو رتنو پنهنجي ڌيءُ، سدا سهاڳڻي، چنڊ منهن واري سورٺ، گجرات جي راجا، راءِ اَنيراءِ سان پرڻائڻ وڃي رهيو هو. اُنهيءَ تي رتني کي راڄ-محل ۾ مٿي سڏايو ويو. سندس اچڻ تي راءِ ڏياچ ڪانئس سوال

ٻہ سندس ٻي هٿن دواران. گھٽيءَ وس ڪيائين، مگر هڪ ٻہ حيلو نہ هليس. نيٺ لاچار ٿي، شيون سنڀالي، پيڪي گھر هلي وئي.

سالن پڄاڻان ٽڻ ٿهي آيو. جڪري وزير جو ليلا جي پيڪي ڳوٺ ۾ سڱ ٿيل هو. اهو سڱ ڏيڻ کان ڳوناڻن نابري واري، جيستوڻي ليلا جي مسئلي جو ڪو خاطر خواه نبيرو نہ ٿيو هو. جڪري وڃي ليلا جا پير پڪڙيا، جنهن فقط اهو شرط وڌو تہ ”چنيسر جام کي شاديءَ ڀهالي همٿ وٺي اچ.“ جڪري وزير چنيسر کي شاديءَ جي ڄڃ سان هلڻ لاءِ مس ڪري مڃايو. جڏهن ڄڃ ڳوٺ وٽجهو آئي تہ ڳوٺ جو پيشڪو سنڌن آجيان لاءِ اچي سهڙيو. ڳوٺ جون نينگريون، چنيسر جي شان ۾ ناچ لاءِ سنڀريل آيل هيون. رواج موجب نينگرين جا منهن ڍڪيل هئا. ناچ واه جو وڌائون؛ تن ۾ مکيہ ناچڻيءَ نرالو رنگ رچايو. سندس ٻول ۽ ڍانگ، چنيسر کي اڻ-ڏٺي مٺس موهي ڪري ڇڏيو. چنيسر جام کان وڌيڪ رهيو نہ ٿيو، سو هنڪي گھونگھٽ هٽائڻ لاءِ چيائين. ليلا کي تہ اهڙو وجھہ کپندو هو، سو منهن کولي، سندس چرڻن ڏي وڌي. هيڏي وڇوڙي بعد هيئن ميلاپ جو جذبو سهي نہ سگھي، ۽ مورڇا ٿي ڪري پيئي. چنيسر بہ ڪيس ڇت تان صفا لاهي ڪين ڇڏيو هو، سو بہ هي اچانڪ گڏجاڻيءَ جو تاب سهي ڪين سگھيو ۽ ليلا سان گڏ ساه ڇڏيائين.

کين ڇڏيائين. آخر هڪ رٿ سُجهي آيس. ڍلن ٺڪن جو
ٺالهه پرائي ساري شهر ۾ پڙهو گهمايائين ته ”جو شخص
راءِ ڏياچ جو سر آڻي راجا اَنيراءِ اَڳيان رکندو، سو هيءَ
ٺالهه قبولي. سر پيش ڪرڻ لي راجا اَنيراءِ کيس ٻيا به دل
گهريا اِنعام ڏيندو.“ پر ٺالهه ڪوئي نه پيو قبولي. آخر
جڏهن پڙهو-ڏيندڙ، چارڻ ٻيجل جي گهر وٽان اَچي لانگهائو
ٿيو ۽ وڏي واڪي راجا اَنيراءِ جي آڇ ظاهر ڪيائين ته
ٻيجل جي گهر-واريءَ جي دل سرڪي: چي، ”چارڻ جي
ڇنگ لي سڀ مشتاق آهن، سو راءِ ڏياچ ڪيڏانهن
ويندو!“ در وٽ اَچي هن هڪل ڪري پڙهي واري
کي ڀاڻ وٽ سڏيو ۽ ٺالهه قبوليو، جنهن لي نه فقط
ڀاڙيوارن کي، پر پڙهي-ڏيندڙ کي پڻ اَچرج لڳو ته هيءَ
عورت ڪهڙي نه گهيلائي ڪري رهي آهي!! تماشام
جو ٻيجل ڏڻ چاري جو جهنگ مان موٽيو ته گهر ۾ ناڻو
۽ مولي ماٺڪ ڏسي عجب لڳس. پڇا مان پتو پيس ته
اِهو سارو مال ڪيئن اَچي سهڙيو هو. خبر پڌائي تاڪ
لڳي ويس. ٻيجل ۽ سندس ساز جي هرهنڌ برابر هاڪ
هئي، پر اَهڙو به ڪو سائينءَ جو لال هوندو جو سر مٿان سر
صدقي ڪري، سا پڪ ٻيجل کي پڻ ڪانه هئي. جنهن
صورت ۾ سندس گهر-واريءَ سندس غير حاضريءَ ۾
سندس پاران قول ڪيو هو، تنهن صورت ۾ ٻيجل هاڻ
انڪار ڪري ڪين ٿي سگهيو. اِهيءَ ڪري هوُ راجا
اَنيراءِ کان پاڻ پڌڻ لاءِ راج محل ڏي پير پيري هليو ته،

ڪيو ته ”هيءَ جو تون پنهنجي ڌيءَ اسان جي ٻاڙيسريءَ
سان پرڻائڻ ٿو وڃين، سو ٺوڪي سوڀي؟“ ادب جا هٿ
ٻڌي رڻي وراڻيو ته ”راڄن، گستاخي معاف. ڪو ڏيهه
جو والي، نياڻيءَ لاءِ وات وجهي، ته سياڻپ ڪدل سرڪندي؛
انهيءَ ڪارڻ سڱ قبوليم.“ ٺهٺي راءِ ڏياچ وري پڇيو
ته ”جي اهڙي ڏاڍ هيءَ ته پنهنجي راڄ سان ٻه ڪا
اها سليءَ ۽ ڪانهس صلاح ورتي؟“ انهيءَ تي رڻي جو
ڪنڌ هڪدم هيٺ جهڪي ويو ۽ پشيمانيءَ جي ٺوع ۾
آکيائين: ”سائين اڄا ويل ويئي ڪانهي؛ جا راڄن جي
آگيا. ٻندي جي ڇا مجال جو راڄا جو حڪم ٻجاءِ نه
آڻي.“ سورٺ جي سونهن جي ساک ته راءِ ڏياچ
ڪنهوڪو ٻڌي هئي؛ وٽر جو انيراءِ کي پوسرائڻ جو
وجهه نهي آيس، سو رڻي کي هڪل ڪيائين ته
”مڃ جهل؛ جي ٺهنجي اها مراد آهي ته مڌ ڪنهن
راڄ-ڌٽيءَ کي سپرد ڪريان ته آءٌ خود ٿو اهڙي رسم ادا
ڪريان.“ اهڙيءَ طرح رڻي جي ڌيءَ سورٺ جي
شادي راءِ ڏياچ سان ٿي گذري. اها خبر جڏهن راڄا
انيراءِ کي ملي ته مڙس ڪامي ويو. هڪدم ڪانياوڙ تي
چڙهائيءَ جا حڪم ڪڍيائين. راءِ ڏياچ جي ڪوٽ
کي انيراءِ گهيرو ته اڇي ڪيو، پر قلعو ڪرڻ وارو ڪين
هو، ڪي وري راڻو ٻيش ٻوڙ وارو هو. ٻارهن مهنا ٻيري
ويا، مگر ڪوٺ ڪڙ تيل ڪين نڪتو. ٻيٺ ششدر ٿي انيراءِ
پنهنجي ملڪ موٽي ويو، پر ڪنهن پر وير وٺڻ جي پڇر

صبر ۾ سمهيو پيو آهي. هن جي خوشيءَ جي حد نه رهي،
۽ هنا ويرم هڪ صندوق ساڻ ڪري سڌو گهر آيو ۽ ننڍا
هم نم جي اچي گهرواريءَ جي گود ۾ ڏالن. هيءُ به
سڪايل جوڙو هو، جنهن کي جو هن غمي طرح سنتان
نصيب ٿيو هو، سو هن ٻيجل کي ڏاڍي سڪ سان پاليو ناپيو.
ٻيجل اڃا ننڍو، سيان وڏو، نت وڃي ڪم لائق ٿيو ۽
ڌرم جي ريت موافق ڀاڳ نه مال جا ڏڻ چارڻ لڳو. هڪ
لڳا هڪ جهنگ ۾ جتي ڪنهن وڻ کي ٽيڪ ڏئي ڏڻ
جي نظرداري ڪري رهيو هو ته سندس ڪن تي ڪو
مڌر پڙلاءُ پيو. چوطرف نظر ڦيرايائين مگر ڪيس ڪو به
شخص نظر ڪين آيو. آواز وري آيو ۽ وري آيو...... ۽
پوءِ ايندو ئي رهيو. پر اڄ پري ڳالهه اها ته اهو آلاپ
ڪنهن ساز مان پئي لڳو ۽ اهو آيو ٿي، ترا جي جهونگي
لڳا ٿي. هيءُ سريلو سر سڻي، ٻيجل مست ٿي ويو ۽
اُنهيءَ ساز هٿ ڪرڻ جي مشغول ۾ جٽي ويو. گهڙي جا ڪوڙ
بعد پتو پيس ته اهو آواز ڪنهن ساز مان ڪين ٿي آيو، پر
ڪنهن مرگهه جي جسم مان، جو وڻ تي لٽڪيو پيو هو.
جڏهن هوا جو جهونڪو ٿي لڳو تڏهن اُن مان اهو مڌر آلاپ ٿي
نڪتو. اِن ٻيجل کي خيال آيو ته جي هن اَڌ گهڙيل
جسم مان هيڏو سريلو آواز ٿي نڪتو، ته اُن مان جي ڪو
سرندو ٺهي جوڙجي، ته ضرور مٺو هوند اُنجي آلاپ
لي مفتون ٿي پون. سو وڻ تي چڙهي جسم لاهي هيٺ
آيو. گهر اچي اُنجي عضون مان ساز جوڙيائين ۽ پٺي ڏينهن

آخر ڪيئن ڪرڻو ڇا هو.

هيءُ ٻيجل ڪير هو، جنهن ايڏو ساهس ٿي ساريو؟ ٻيجل ڪنهن چارڻ جي گهر ۾ پليو هو، پر اصل ۾ هُوَ راجائي ٻار هو. راءِ ڏياچ کي هڪ پرڻيل ڀيڻ هئي. اُن ڀيڻ کي ٻڍهڙو پيٽ جائو نصيب نه ٿيو هو. ڪرم اهڙو ڪاٺ هوس جو گهڻائي ڏر ڀيٽيائين، پير فقير پڇيائين، پر ڪنهن ٻه دل-گهريو آسرو ڪين ڏنس. آخر هڪ جوتشيءَ کي وڃي واٽ وڌائين. جوتشيءَ تارن جو حساب جاچي چيو: ”توکي پٽ سنتان لکيل ته آهي، پر......“ اِئين چئي جوتشي ٿامجي ويهي ويو. انهيءَ تي ماءُ جي آتر ويلا پاڻ وڌي. آخر گهڻي زور آڻڻ تي جوتشيءَ سچ چئي ڏنو: ”اِهو ٻالڪ اوهانجي ڀاءُ جو سر ڪٽيندو.“ راجپوتڻي ٻڌڻ ته سراپجي ويئي، پر جهٽ ۾ پاڻ سان ارادو پڪو ڪري، هلي ويئي. وقت سر جوتشيءَ جي چوڻ موجب ٻار ڄائو، پر ماءُ ٻالڪ ٻنا ڏسڻ جي، دائيءَ کي خرچي ٻاسي، اُنکي ڪنهن طرح ختم ڪري، لوڙهي ڇڏڻ لاءِ چيو. دائي لوڀ جي لالچ تي هرکي، مگر معصوم جو ملوڪ چهرو ڏسي هوءَ باز آئي ۽ ٻالڪ کي نگهوسار ڪرڻ بدران ڪيس سهڻا لائق وستر ڀرائي، صندوق ۾ سمهاري، اُها ڪري نديءَ کي سپرد ڪيائين. صندوق ترهندي ڪنهن هنڌ ڪناري سان لڳي اچي بيٺي. اُتي ڪو ڳنوار، مال چاري رهيو هو. هنجي نظر وڃي صندوق تي پيئي. جان کڻي کولي ته ڇا! اندر سدا سهڻو ٻالڪ

مچايو وينو آهي. هڪدم ماڻهوءَ موڪلي مڱڻي گهرايائينس. "ٻيجل کي ٻيءَ رات جو سڏايو سلطان". اوڀاريون لهواريون لهنديون، راءِ ڏياچ، ٻيجل کي ساز وڄائڻ لاءِ چيو. ٻيجل اِنهيءَ ڪارڻ ئي ته کهي آيو هو. ساز جو ڪو آواز هو! ساز جي سوز راڄ ڌراڄ ڇهائي وڌو. ٻيجل تند تنواريندو رهيو ۽ راڄ جهومندو رهيو. وقت وهامندو رهيو، مگر اُنجي سمڪ نه راجا کي رهي، نه راڪ کي. سورٺ، ٻين راڻين سميت، اوسيڙو ڪيندي رهي. نيٺ وڌيڪ سهي نه سگهي ۽ اچي پنهنجي پران-پتيءَ کي ساز جي خمار مان سجاڳ ڪيائين. هاڻي مس راءِ ڏياچ کي خيال ۾ آيو ته ڪيڏي دير ٿي چڪي هئي!! ترت مڱڻهار کي دل گهري سوغات ڏيڻ خاطر پڇيائينس ته "مڱڻا، ڇا جي طمع تاس آئيئي؟" وجهه واه جو ٺهي آيو، مگر ٻيجل اِهو ٽڻ ٽاري ڇڏيو. چيائين: "راڄن، اِنهيءَ ڳالهه تان لهي وڃ." راءِ ڏياچ زور ڀريو، مگر ٻيجل "ويل وئي ڪالهي" جي واڻي ڇيڙي. راجا اَجا به راڳ جي راحت ماڻڻ ٿي گهري، تنهنڪري ٻيهر اَچڻ جو ٻيجل کي نوتو ڏنائين. هيءُ اٿين ليهن جو نظارو ڏسي، سورٺ جي دل ڪچهه ڪتڪو ڪاڙو، پر جهٽ پاڻ سنڀالي، خيال مٽائي ڇڏيائين.

ٻئي ڏينهن ٻيجل موٽي راڄ-ڪوٽ ۾ آيو. راڄ سندس راهه تڪي رهيو هو. اَج ته سرندائيءَ ساز مان اهي سُر آلاپيا، جو راڄ جو چت اُس پس چريو ڪري ڇڏيائين. ڏيچ جي اَندر ۾ اِها آگ جاري ٿي وئي، جنهنجو اُجهامڻ اَهڙو

اھو ساز جھنگ ۾ پنھنجي دل وندرائڻ ڪاڻ ڪٺي ويو.
ڪنھن ويل جو گز ڪڍي ساز وڄائي تہ ساري جھنگ
جا جانور ٽپندا ڪُڏندا اچي ڀيڄل وٽ مڙيا. ھيءَ عجيب
اسرار جي ڳالھہ ڀيڄل اچي پنھنجي گھرواريءَ سان ڪئي،
جنھن اھا اندر ۾ سانڍي. ڀيڄل جي سرندي جي ھاڪ
ھر طرف پکڙجي ويئي، تانجو سندس گھر-واري ڏکہ ڏاکڙا
دور ڪرڻ ۽ سکيو وقت گذارڻ ڪاڻ راجا انيراءِ جو
رتن ٽڪن جو تالھہ وٺي رکيو ۽ ڀيڄل کي سوراشٽر-پتي
راءِ ڏياچ جي سر جو سوالي بڻجڻو پيو.

جوٽس جو قول ڪيو، سو ڀيڄل ھليو پاڙڻ - چارڻ
چنگہ ڪلھي ڪري رکيو رخ گرنار ڏي. ڀيرين پند منزلون
ڪندو ڀيڄل اچي راءِ ڏياچ جي نگر نزديڪ رسيو.
سندس سرندي جي ساکہ ڪانئس اڳہ گرنار پھچي ويئي. "تيو
غلغلو گرنار ۾ تہ ڪو عطائي آيو". ماڻھن ۾ چؤبولو مچي ويو
تہ ھھڙو سازيندڙ نگر ۾ پينو آھي، شل مالڪ مھر ڪري. ڀيڄل
مست مگنتي جيان سارو ڏينھن شھر جون گھٽيون ڪڇيندو
رھيو. انھيءَ ڏينھن سندس ساز جو پرلاءُ راجا جي ڪوٽ
توڙي پھچي ويو. ٻئي ڏينھن ڀيڄل پڇا ڪري اچي
راڄ-ڳڙہ ڀيرو تيو ۽ گز ڪڍي چوڄ مان سر ڇيڙيائين.
راءِ ڏياچ ٻڌ اُن مھل واندو ويٺو ھو، تنھن اھو سر سڻيو. ٻڌندي
مڙس مست ٿي ويو. ڪالھوڪي يادگيري آيس. آواز جو
طرف سڃاڻي اُن پاسي دريءَ ڪان ھيٺ نھاري ڏسي تہ
ھڪ چارڻ چنگہ چوري، ماڻھو مرگھہ ميڻھون موھي، محفل

هُوَ ڪجھہ گُھري ڪين ٿو. ”سوين سوالي سرچائي ڪيا اَٿم؛ هن کي ڄاڻ سيڪجھہ آڇيو اَٿم، پر سندس طمع کي ڪجھہ ڪين ٿو آڻي“. آخر آنند مانڊجي ويل وڃي؛ جڏهن راءِ ڏياچ وري ساز جي سر تي مخمور ٿي ٻيجل کي للڪار ڪئي تہ ”اي مڱڻا، وٺ جيڪي وڻئو اَٿيئي، هيءَ ويل اَٿيئي وٺڻ جي“، تہ ٻيجل ورندي ڏني تہ ”اَي سخا جا صاحب، مونکي مال متاع جي تہ ڪا کوٽ ڪانهي، مونکي ٻيو ڪي ڪجھہ گھرجي.“ راءِ ڏياچ جي ترڪ وڌندي رهي. راءِ بيزاريءَ جي نوع ۾ ٻيجل کي وري بہ للڪاريو، ”وڃم ڇو ٿو وڃهين؛ طلب هڪدم پيش ڪر، پوءِ ڏس تہ اُنجي پوناري ٿئي ٿي، ڪين تہ!“ ٻيجل هاڻ دل ٻڌي ڪئي؛ سندرو ٻڌو. چيائين، ”راجن، دنيا جا پدارٿ مون وٽ گھڻوُ آهن، هن ويل آءٌ تنھنجي سر جو ئي سوالي آهيان.“ راءِ ڏياچ ڪلي ڏنو. چي، ”ٻيجل، هي ڇا! شيدائي بہ هن سر جو آهين!! هيءَ هڏ ۽ چم ڪنهن ڏينهن خاڪ تہ ٿيڻوئي آهي؛ سڀاڻ بدران اَڄ قصو ختم ٿي ويو تہ ڪھڙو فرق پوندو!!! پر مونکي عجب اِنهيءَ تان ٿو لڳي تہ تون منھنجي سر مان وٺندين ڇا؟ اُهو ڪي وٽ جو ڪو عرصو ڪم تہ اَچيئي. اَن جا اَنبار، ڄاٽي جون خزينون، موتين ماڻڪن جون صندوُقوُن، هاٿي گھوڙا ڇڏي، تو صدا هميشہ آهي سر جي. وري بہ ويچار ڪر، جيڪي گھرندين، سو اَوس ملندءِ.“ ٻئي ڏينهن بہ راءِ ڏياچ، ٻيجل جي سرندي تي روح واھ جو ريجھايو

سهڻو يا سٺو ڪين هو. سورٺ بہ اِهو لقاءُ بيٺي ڏٺو
تہ ڪيئن سندس راڻو، چارڻ جي چنگ ۽ رنگ تي مست
۽ مفتون ٿي چڪو هو. اَڄ راءِ ڏياچ هر هر پڇي بيجل
کي پاڏائي چيو: "گهر جيڪي گهرڻو هجيئي. هاٿي،
گهوڙا، پالڪيون، نقد ناڻو، سون رپو، زر جواهر سڀ
تو مٿان قربان آهن. تنهنجي سازُ منهنجي اَندر کي
اُٿاريو آهي. اُن مونکي نہ فقط سڀني راحت کان واقف ڪيو
آهي، پر اُن مُرڻ تي ڪري ڇڏيو اٿس. آءٌ تو تان سڀڪجهہ
قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. هيءُ وجهہ اٿيئي، وڃي،
جهول پُر". بيجل ذرا منجهي پيو. آيو تہ برابر سر جو
سوالي ٿي هو، پر ڪنهن سخيءَ کان سر گهرڻ سونهيو
نہ ٿي! ڪيا قول پوري ڪرڻ خاطر اِئين ڪرڻ کانسواءِ
ٻيو چارو بہ ڪين هوس؛ تنهن ڪري، هُو لاچار هو. پر
وري ڪاڪي ڪاڏس نہ "راءِ ڏياچ جهڙي شاهاڻي
شاهہ کان سر گهرڻ ڪيئن؟ جو ڏيڻ جو ڏاتار، جنهنجي
در تان سوالي سکڻا نہ موٽن، تنهن جو جي سر گهرندم تہ
لعنت مون مٿي پوندي! سخي سردار جي سخا
جو اُلٽو فائدو وٺڻ واجب ڪونہ ٿي ٿي سگهي!!" پر
سوال ٿي اُٿيو تہ "جي گهرندس ڪين تہ ملندو ڪٿان؛
جي ملندو ڪين تہ نيندس ڇا؛ جي نيندس ڪي ڪين
تہ اَنبراءِ جي ٻچن ڏانس ڪرائي ڇڏيندو! هاڻ ڪهڙي
وهہ وڃان؟" بيجل جو هيئن ٻُڌيءَ مُنهنجي ويو، سو راءِ
پڻ پريشان ٿيڻ لڳو تہ بيجل کي هيئن پاڏايون پيو تہ بہ

ٻيو ڪو حيلو نہ ڏسي، هن ٻيجل کي ملڪ نيڪالي ڏني.
لڏهن مس ٻيجل کي پتو لڳو تہ ڪھڙو قهر ڪيو هئائين.
الهيءَ ٿي ويل ٻوليان پير ڪري ٻيجل گرنار موٽي آيو. چڪيا
ليار هئي. جڏهن ٻاهہ ٻميت ڪيڏي آسمان طرف اُسري رهي
هئي، تڏهن ڪڏهن مستانئي جي گجڪار ٿي ۽ اُن ويل
سر، ساز ۽ سازيندڙ، آگ ۾ ملي هڪ ٿي ويا.

۽ چارڻ وري ورندي اُسر جو اُچڻ جو واعدو ڏيئي،
وڃڻ وريو. تنهن ڏينهن چارڻ راجا جو روح ليهائين وڏيڪ
رنجهايو؛ راجا وري به مدد ڪئي ته ”مڱڻهار، دل گهريو
دان مڱ.“ بيجل به پنهنجيءَ ئي هو، سو سر سواءِ بيو
ڪجهه طلبي ڇو ٿو! راءِڏياچ ساز جي سر تي وهو وڏيڪ
مست ٿيندو. چوٿين ڏينهن اُڳي ڪان اُڳرو. چوي پيو،
”چارڻ گهرين به هڪ سر تو؛ وس پڇيم ته توتان هوند
سوين سر قربان ڪريان، پر اُتم اِهوئي هيڪڙو. اُجا به
وجهه اُتهئي، بيو ڪجهه به طلب، ته هڪدم اِهو تو
اُڳيان حاضر ڪريان.“ بيجل تڏهن به پنهنجي هوڏ تي
قائم رهيو. پڇين ڏينهن بيجل ساز مان اُهو سر ڪڍيو
جو راءِ ڏياچ چيس ته ”وٺ سر، ويرم نه وجهه! وڏيڪ
ترسبو ڇا لاءِ!!“ ۽ جهٽ پر ڪٽاريءَ سان سر ڪٽي
ٿريءَ تي ڪري رکيائين. سر ڪٽيو ته به جسم جي
لرزش ڪاڏهه لٿي. راج-محل پر رڻ مچي ويو. گرنار جي
گهوٽ جي هيڻن سر صدقي ڪرڻ جي خبر بيلي جي
باهه جيان جهٽ پکڙجي ويئي. بيجل به سر ساڻ ڪري
سڌو اُنيراءِ ڏي آيو. چارڻ هوڏ پاڙي هيج مان
گجرات-پٽيءَ جي رنگ محل پر ته پيتو، مگر راجا جو
رخ ڏسي، مهن جو رنگ بدلجي ويس. هڙو دراچار،
جنهن راءِ ڏياچ جو سر ڪٽيو هو، سو گجرات ديس پر ڪيئن ٿي
رهي سگهيو! اُنيراءِ هيڻر ئي مس ڪري محسوس ڪيو ته
پنهنجي سوارت سڌ ڪرڻ لاءِ هيءُ ڪهڙو ڪڌو ڪم ڪرايم.

ٽڪريءَ جي پيرانديءَ وٽ آهي. آس پاس ۾ گھاٽا
ٻيلا اٿس، جتي سھڻو شڪار ڪري سگھجي ٿو.
ڪنجھر ڍنڍ جو نظارو ڏاڍو دلڪش آهي. خود شاهه صاحب
ٿو فرمائي:

هيٺ جر، مٿي ميگھ، پاسي ٿي وڳراهه،
اَچي وچي وچ، لماڇيءَ جي ساهه،
لڳي اَنگ واءُ، ڪنجھر هندورو ٿئي.

لماڇيءَ جي ٻيڙي جيئن سير ونيو ٿئي ويٺي، نه ڄام
جي نظر ڪن مهاڻن تي وڃي پيئي. مهاڻا ڍنڍجي
ڪرت ڪار ۾ رڌل هئا. غريب لوڪ، ڍنڍ تي مڇي
ڦاسائي، مياڻين ۾ وڃي ليٽائيندا هئا، جتان مهاڻيون
اها نيئي، ٻيرا ٻيرا ڪري مڇي بازار ۾ گراهڪن کي
وڪڻنديون هيون. سارو ڏينهن محنت ڪرڻ بعد مس
دال روٽي نصيب ٿيندي هين. ونن اها سمرتي ڪانه
هئي جو گھر اڏي، رات وڳري وڃي ٿانيڪا ٿين. سندن
مڙهه مقام اهي ٻيڙيون ئي هيون، جن ۾ چڙهي مڇي به
ڦاسائيندا هئا ۽ مٿو به لڪائيندا هئا. مرد توڙي زالون
جو سارو ڏينهن ڪم ۾ لڳا پيا هوندا هئا نه سندن ٻار
اڌ ٽڪا ٿيو پيا پاڻيءَ ۾ ترڳندا هئا. لدهن ڪانسواءِ
منجھن اُچائي اُجرائي خير ڪا هئي. جن جو ڪم
مڇين سان، سي صفائي سکن ڪٿان! هر هنڌ گند جا
گدام لڳا پيا هوندا هئا ۽ هر جاءِ مڇيءَ جي ٻي بوءِ پيئي
نڪ ساڙيندي هئي. اَڄ به اهوئي قصو لڳو پيو هو.

نوري ۽ ڄام تماچيءَ جي ڳالهه

ڪنهن سمي سنڌ تي سما راجپوتن جو راڄ هو. سما لوڪ، يادو ڪل جا راجپوت هئا. ڪين ٻارهين صديءَ جي وچ ڌاري سومرن شڪست ڏيئي، لوڏي ڪڍيو. هنن ڪڇ ملڪ اچي والاريو، جتي آزاد حڪومت برپا ڪيائون. سومرن کي جڏهن عيسوي ١٤ صديءَ ۾ علاوالدين خلجيءَ ماري مات ڪيو، تڏهن سمن وري سنڌ ۾ راڄ ڪڙو ڪيو ۽ ٺٽي ۾ گادي وجهي، حڪومت هلايائون. اِها حڪومت آخر ١٥٢٠ع ڌاري شاهه بيگ ارغون قنڌاريءَ اچي کانئن کسي. سمن ۾ ڪيئي حاڪم ناليرا ٿيا، جن مان خاص طور جوڻو، تماچي ۽ ننڊو مشهور آهن. جڏهن فيروز تغلق سنڌ تي چڙهائي ڪري آيو، تڏهن سوڀ پائي، سنڌ جي سمي حاڪم جوڻي ۽ سندس ڀائٽيي ٻاٻيني کي ساڻ دهليءَ نيئي ويو، جنهن ڪارڻ جوڻي جو ٻيو ڀائٽيو تماچي سنڌ جي گاديءَ تي ويٺو. تماچي جرات ۽ حشمت وارو حاڪم ثابت ٿيو. هن جلد بغاوت جو جهنڊو بلند ڪري، پاڻ کي تغلقن جي تابعداريءَ کان آزاد ڪيو.

ڄام تماچي - سما حاڪم، ڄام جي نالي سان سڏيا ويندا هئا - شوقين سردار پڻ هو. کيس شغل شڪار جو خاص شوق هو. هڪ لڳا هو ڪنجهر ڍنڍ جي سير تي نڪتو. ڪنجهر ڍنڍ، جهرڪن ۽ ٺٽي جي وچ ۾ هالايا

تماچي، نوري پرڻجي گهر آيو.

جام جي ٻين راڻين، مهاڻيءَ جي آني لڪ پئي موڙيا، ۽ تماچي نه منس فدا هو. نوري هڪ سباجهي نيڪ هئي، جنهن ۾ ٻاهريون ول چل هوني ڪين. سندس حلم ۽ حياءَ جام کي منس موهت ڪيو هو. جيڪڏهن سائينءَ سڳوري کيس سوڻهن ڏني هئي نه اُن ڪارڻ هوءَ ڦولڻي اَصل ڪين. هڙو سمو جام هٿ ڪيو هئائين نه ٻه وڌوڻهن ڪين ويڙهيس. مڦاسيءَ مان ماڻڪن ۾ اَچي پيئي نه ٻه غرور ڪين ورايس. هر ويل ڏاڍيءَ ڌر لڏائي ويٺي ۽ منٿ هيس نه "اي سائين، جي نوازيو اٿيئي نه ليڪهن ۾ لهنائي نيڪه ڪج". تماچيءَ ٻه چڱي چڪاس ورتي، مگر نوري هميشه پنهنجي سڀاءَ تي قائم رهي. تماچيءَ کي سندس سنگ ۾ اهو لطف پوندو هو، جو کيس ٻئي ڪنهن ٻه هنڌ نصيب نٿي ٿيو. انهيءَ ڪارڻ هو نوريءَ سان نه فقط شڪار تي گهڻو ٽڪڻو وڃڻ لڳو، پر هالايا نڪريءَ تي هن هڪ خاص ماڙي پڻ اَڏائي، جنهن ۾ اَچي هو آسايش وٺندو هو ۽ نوريءَ جي صحبت ۾ لطف ماڻيندو هو. اها ماڙي هاڻي زبون ٿي چڪي آهي، پر اُن جا ڪجهه آثار اَڃا قائم آهن.

جام تماچيءَ جو هيئن ٻين راڻين کي ڇڏي نوريءَ سان گڏ گذارڻ، سڀين ڪاڻ سخت عذاب هو. هو اَندر ۾ ڪامڻ پچڻ لڳيون، پر وٽن ڪو حيلو ڪونه هو. جام پڻ

مهاڻا ٻيڙين ۾ مڇيون ڦاسائي رهيا هئا، سنڌن کي ٻار
لڏڻ جيان پٺي پاڻيءَ ۾ ترڳيا ٿي کي وري ڪناري
تي ٻيهي لقاءُ ڏسي رهيا هئا. ڄام تماچيءَ جو ڌيان
انهن ڪنڌيءَ تي ٻيٺلن مان هڪ ڏي ڇڪجي ويو.
هوءَ هئي ته مڇيءَ مڪڙي منڊ، مگر سنڌس مهانڊو مڙني کان
علحدو هو. پوشاڪ سادي سوڌي پيل هئس، پر چهرو
چنڊ جيان ٽي پيهڪيس. سنڌس شرميلين نگاهن مڙس
گهائي وڌو - شاه شڪار ٿي ويو. ٻاهران ته ڄام تماچي
شان رکيو اڳتي وڌيو ۽ شڪل شڪار بعد پڻهنجي ماڳ
موٽي آيو، پر ٻره جي ٻاه ڪيس وهڻ ڪئي ٿي ڏني!
مڙس ماندو ٿيڻ لڳو، پر مسئلو هڻ پيچيدو هو. ڪيڏانهن
سمو ڄام ۽ ڪيڏانهن ڪڪيءَ ٻيري گندري!! ويل پئي ٻه
ڪو فرق نه پيو، موريو تماچي ڄام جي لڙق وڌندي
رهي. ليت اهو ٻاهريون ٻهو ٻاسيڙو رکي، ڄام، نوريءَ جو
سڱ، سنڌس مائٽن کان گهريو. مهاڻن جي ٻه ڪا ڌڻيءَ
پڌي ٿي ڏني. والي وجهي وات، ته نانه ڪير ڪري!!!
مهاڻن جي بستيءَ ۾ واڌايون وري ويون. نوريءَ جي
مائٽن هاڪار موڪلي مس، ته شادمانا شروع ٿي ويا.
سمي ڄام، نوريءَ صدقي مهاڻن کي جنسي پٺي ڇڏيو.
ٻلون محصول مڙيئي معاف ٿي وين، ساري ٻنيءَ جا
هوءُ جڻ خاوند ڪيا ويا. غريبن جي سائين ڪڏهن
ٿو سڻي. ڪنجهر جي مهاڻن جي ٻه مس پڌي هئائين؛
سو هاڻ ته سنڌن ڏه ٿي گيه ۾. وڏي شغل سان ڄام

سسئيءَ ۽ پنهونءَ جي ڳالهه

ڪنهن زماني ۾ ڀاڀو واهه تي ڪو براهمڻ رهندو هو. نائون ٻاڻيڻ پنهنجي نالي سان هو. هوُ ۽ سندس منڌ، منڌر، سمي لاڪر سنتان لاءِ سڪايل هئا. نيٺ ڇڙهيل وهيءَ ۾ ٻه ڏٺيءَ سندن ٻڌي ۽ هڪ نياڻيءَ اچي سندن گود ڀري. ٻئي ڏاڍا سرها ٿيا. ڀر جڏهن ٻانيڻ ويلا جاچي جوڪر جي جنمي پلٽي ته سندس منهن جو ٻنو لهي ويو. مڙس موڳو ٿي ويو. اهڙي ڪا وسمي ويڙهي ويس جو جڻ مورچت ٿي پيو. سندس گهر واري گهوٽ جو هيءُ حال ڏسي دهلجي ويئي. آخر دل جهلي، دلداري ڏيندي، پڇيائينس ته آهي خير؟ ڀهرين ته ٻاڻيڻ ڀير نه ڀيو ڪوڙي، پر آخر اندر جو سور سليائين. منڌر ٻه سماچار سڻي سوچ ۾ پئجي ويئي— نياڻيءَ جو ليک ڪنهن ڏارئي ڏرم واري سان لکيل هو!! هون ته ٽريءَ تي ننهن ڏيئي ڪيل اتيئي ختم ڪري ٿي سگهيا؛ پر جنهن ماءُ سڪائون ڪري ٻار ورتو هو، اندر ۾ ساهه ڪان وڌيڪ اهو سانڍيو هو، سو سهي اهو جٺيو، سا ڪتان ٿي هيءُ قهر باسي سگهي!! منڌر مايوس مڙس موافق لي، پر جهت ڪيس ڪا تجويز سجهي آئي. سائينءَ ٿي ته مٽن مهر ڪئي جو سندن گود ڀري هئائين. تنهن ڪري هن نياڻيءَ کي نگهوسار

سندس ساڻ صحيح ڪري ويو. تنهنڪري هڪ ڏينهن
حويليءَ ۾ ٻڌايو ڪيائين ته اَج شام جو جام ايندو، سڀ
راڻيون تيار رهن، جنهن سان دل پيس، تنهن کي
سانجهيءَ جي سير لئي ساڻ وٺي ويندو. هيءَ خبر ٻڌي
سڀ گدگد ٿيون. هر ڪنهن سمجهيو ته اَج ضرور سندس ئي
وارو ورندو. تيل ڦليل ۽ هار سينگار شروع ٿي ويا،
ويس وڳا ڪري سڀ تيار ٿي ويٺيون. نوريءَ نيم موافق
سادا اڇا سينڌ سرمو ڪري، سفيد وڳو اوڍي، پنهنجي
جاءِ تي ٿي ويٺي. سمو آيو، هر ڪنهن پنهنجو حيلو هلايو،
پر ڪنهن به روپ کيس ڪين ڪينچيو. نوري، هن کي
پريان پنهنجي جاءِ تي ويٺل نظر آئي. سندس لڄ ۽
حياءَ اُتان ئي پٽي چلڪون ڏنيون. وري به نياز جي
سوپ تي ۽ تماچي اَج به نوريءَ کي ساڻ نيئي ويو.
اَجوڪي لقاءَ جام کي مجبور ڪيو ته هوُ نوريءَ کي
پنهنجي پٽ راڻي ڪري. رات جي محفل ۾، سڀني سمين
جي سامهون، هن نوريءَ کي پنهنجي پٽ راڻي ظاهر ڪيو،
۽ مڙني محسوس ڪيو ته حقي حق ڪيو ويو هو.

أها ڪنئي ۽ منجهس عمدي سوکڙي پيل ڏسي أمالڪ
إها آڻي پنهنجي مالڪ محمد کي سونپي. محمد پڻ
سالن کان سڪايل هو، سو سائينءَ جا شڪرانا مڃي،
صندوق گهر کڻي آيو ۽ اچي گهر واريءَ جي گود
پر پائين. هڪ گود خالي ٿي ۽ ٻي اُن جي جاءِ تي ڀرجي
ويئي! ڪرتار جا ڪارناما ئـــي پنهنجا، قدرت جا
إسرار ئي علحدا!!

محمد کٿيءَ جو نالو ڀنڀور شهر ۾ ڪنهن نہ ٻڌو هو!
۽ ڀنڀور جو نالو سنڌ هند، ويجهن پرين ڏيساورن ۾
ڪنهن نہ سڻيو هو!! ڀنڀور جو بندر پنهنجي زماني ۾
پنهنجو مٽ پاڻ هو. نگر ٺٽي کي بہ شهہ ڏيئي ويو هو.
ٻاهرين ملڪن جا غوراب ڀنڀور کان مٿي سنڌو نديءَ
تي چڙهي نہ سگهندا هئا. تنهن ڪري سڀيئي اچي
ڀنڀور ۾ ڏاهــو ڪندا هئا. هڪ طرف سمنڊ جا ناکئا
پنهنجا ٻيڙا آڻي ٻڌندا هئا، تہ ٻئي طرف ساري سنڌ،
ڪيچ مڪران، پنجاب، قندار ۽ ڪابل جا قافلا، جت
کتان ڪاهي اچيو هت جهليندا هئا. واپاري وڻون
ڀنڀور ۾ سٿيون پيون هونديون هيون. ڀنڀور جي بازار چا تہ
ڏسڻ وڻان هئي! هر قسم جي شيءِ بارهان مهنا أتي
ميسر ملندي هئي!! دوڪان مال سان جهنجهيا پيا
هوندا هئا. بازار هميشهہ پيئي ٻهڪندي هئي. مال
متؤ، واپار جهجهو، ناڻو اَڪيچار، تہ نگر ڪيڏو نہ
هوندو! ڀنڀور سان ٻر ميچڻ هوئي کٿي!! چا تہ سندس

ڪرڻ بدران ڪيس سائين سهاري تاري چڏڻ جو پڪو
اِرادو ڪيو، اِنهيءَ آشيرواد سان ته ”نياڻي جمع به هجي،
شال جڙي جيڏري هجي.“ دل تي چپ رکڻ ڌاران
اَهڙو فيصلو ڪرڻ محال آهي. پر ماءُ جيجل پيو ڪري
چا!! دل ڌاڍي ڪري، بسار ڪي نيچي، صندوق ۾
سمهاري، ڀانيڻ ڪي اِها واھ تي تاري اُچڻ لاءِ ڏني.
نائون جڻ ڪم لاءِ توسيل هو. بدناميءَ کان هوُ جنسي
ڪنبيو پئي، سو سيگهه ڪري صندوق ڪٽي، تر تي
آيو ۽ ايشور آسري اِها پاڻيءَ حوالي ڪيائين. آسون
برابر پلاند ۾ پيا، پر ٻيو ڪو حيلو هوئي ڪونه. جا
ڌڻيءَ ڪي وڻي، جنهن ڏني، دل ڌاڍي ڪري، اُها
اُن کي اَربي، ڀانيڻ گهر موٽي آيو. ٻهريان ڪجهه ڏهاڙا
سوڻ موڻ ۾ گذريا، پر ٻوءِ ڳالهه ويئي جهوني پراڻي
ٿيندي، اَندرئين تہ ۾ اَجا به اَندر تي ٿيندي ويئي، تانجو
جڻ ڪا به غير-رواجي گهٽنا ٿي ئي ڪانہ هئي.

هوڏانهن، سڄايل صندوق ليٽندي پيٽندي هلندي
هلي، تانجو واھ اَچي درياھ ۾ داخل ٿيو. سنڌو درياھ
صندوق سانڍيندو، نچائيندو ڪڏائيندو اِها دوآبي
۾ ڪٽي آيو ۽ آڻي اُن کي ڏوبي-گهاٽ وٽ چڏيائين.
محمد ڪٽيءَ جي ماڻهن، جي تر تي ڪپڙا ڌوئي صاف
ڪرڻ ۾ رڌل هئا، اِها صندوق پاڻ طرف ايندي ڏٺي.
درياھ تي سڄ جي چايا هيٺ صندوق ٻهڪي رهي
هئي ۽ جيئن ئي اِها ويجهي آئي تہ ڪٽيءَ جي ماڻهن

رونق. سسئيِ دل پوندي سهيلين سان گهر اندر پيئي
ٽلندي ٽهلندي هئي، ۽ وقت پئي باغيچي ۾ وڻن ٻوٽن
جي گلزاريءَ ۽ سڳنڌ ۾ راند ڪيليندي دل بهلائيندي
هئي. جوڀن جوانيءَ ۾ سسئيءَ جي سونهن جي هاڪ
ٻيلي جي ٻاهر جيان ڏوراهن ڏيهن ۾ پکڙجي چڪي
هئي. هر هنڌ هن جي ئي چرچا هئي. شهر ۾ سير لاءِ
نڪرندي هئي ته سڀ اکيون منجهس ئي وڃي
کپنديون هيون. هيڪاندا ته سندس شيدائي هئا، پر
سسئيءَ کي ڪوبه خاص آخر ۾ ڪين هو.
انهيءَ سمي ڪيچ مڪران جا واپاري پنهنجي ملڪ
جا مال قافلن تي چاڙهي ڀنڀور ايندا هئا، جتان اهو
مال ٻاهرين ڏيساورن ڏي ويندو هو. موٽ ۾ ڪيچي
ونهيا ٻاهر جا مال ڀنڀور مان خريد ڪري پنهنجي ماڳ
موٽندا هئا، جن مان ڪين عمدي اُپت ٿيندي هئي.
ان ريت سسئيءَ جي سونهن جي هاڪ ڪيچ مڪران
وڃي رسي. ڪيچ جي حاڪم آري ڄام جي وڏي پٽ
پنهونءَ کي واپارين مان جو پتو لڳو ته ڀنڀور ۾ هڪ
چنڊ منهن واري سسئي نمودار هئي، سو ديدار لاءِ
سندس دل کهي بيٺي. پيءُ جي موڪل سان عطر ۽
انبر ۽ ٻين وٿن سان هڪ وڏو قافلو سنباهي، پنهون
هليو سسئيءَ جي سونهن پسڻ!! جبل جهاڳي، قافلو آخر
اچي ڀنڀور پهتو. اهڙو قافلو اڳي ڪڏهن ڪين آيو هو.
سارو شهر ڪستوريءَ جي خوشبوءِ سان ههڪارجي ويو!!

عمارتون، ڇا شهر جي عمارت، سارو ملڪ خوشيءَ
ڪستوريءَ هڳاءَ سان واسيو پيو هو. شهر ۾ ڪو آدم
رهندو هو! جڻ سارو ڏيهه اچي اُتي پلٽيو هو!! نه فقط
ماڻهن جي پيٽيءَ ڪاڻ هٽي، پر سندن ذات صفات جو
پڻ ڪاٿو ڪين هو. بازار ۾ ڳالهه ٻولهه ٻڌندي وسهڻ
۾ ڪين ايندو هو ته پنيور ۾ آهيون. هرڪو پيو پنهنجي
ٻوليءَ ٻولي، ته ٻه سيڪو پيو هڪ ٻئي کي سمجهي.
بلين! واه جو پنيور جو شهر هو!! اُتي ٻڪ نه ڪو مري
ڪين. پر جيڪو وهي سو جهجهو لهي. اِجهو اِئين ئي
ته محمد ڪٿي ٻه ته وڏيو ويجهيو هو. شروع ۾ اَڪيلو
اَڪيلو ڪم ڪندو هو. هاڻ پاڻ ته گديءَ تي ويٺي
فقط نظرداري پيو ڪندو هو، باقي ڪم تي ٻيو له ته
پنج سؤ ڪاريگر ته واه جا لڳل هئا! اُهڙي سهنجي
ڏر ڪي سائينءَ نياڻي ڏياري.

ٻانهڻ جي ڏيءَ جا روش رنگ نيارا! ٻاروتن ۾
ئي پٺي ڀڪي. سو محمد ڳاذر ڪوٺڻ ئي لڳس سسٽي،
چنڊ ڇهري واري. هڪ رنگ روش جي وٽندڙ، ويتر
جو ڏيک پال ٿيس وتري، ته جٽن وڏي ئي تن ويٺي
چنڊ جيان وڏيڪ روشن ٿيندي. محمد ۽ سندس
گهر واريءَ کيس ڏسي پيا ٺوندا هئا!! هن جي سک آرام
خاطر محمد واه جي ڪوشش ورتي. هن لاءِ خاص جاءِ
جوڙائي ويٺي، جنهن جي چوگرد باغيچو لڳايو ويو.
جهڙي هئي جاءِ جي سجاوت، تهڙيائي هئي باغ جي

اجرا ڪرڻ جي خيال کان خوب سٽي، ليڙون ڪري وڌائين. دانهن نه ڪرائڻ جي خيال کان، سسئيءَ جي صلاح لئي، ڪپڙن ۾ سونيون مهرون وجهي جند ڇڏايائين. محمد هڙي سڪٽي ستابي ٻار جي هڙي سخت ٻڪ وٺي، پنهنجا سڀ اعتراض پاسيرا ڪري، پنهونءَ کان جندو پاڙو لڪائي، سسئي ساڻس شد مد سان پرڻائي. هاڻ سسئي ۽ پنهون پنهنجا ڏينهن سکيا سهڻا گذارڻ لڳا.

پنهونءَ جا ساٿي پنهنجي سردار جو ٿئون رخ ڏسي، ناراض ٿيا. هاڻ هو ڪهڙي منهن هلي آري ڄام کي خبر ڏيندا ته پنهل ڀنڀور ۾ ريڊو رهجي ويو هو! ڄام هيءَ خبر ٻڌي ٻنهه بي حال ٿي ويندو!! هنن پنهونءَ کي گهڻوئي سمجهايو، منٿ ڪئي، مگر هو پنهنجي دل هاري ويٺو هو، هنجو موٽڻ هاڻ محال هو. آخر قافلي وارا بنا پنهونءَ اُت ڪاهي، ڪيچ موٽي آيا. آري ڄام کي جو اَحوال مليو ته اُت آيا پر پنهون ڪونه موٽيو، ته هو هڪدم مورڇا ٿي ويو. ويڄ طبيب اَچي مڙيا، ڄام سڄاڳ ته ٿيو، پر پنهونءَ سواءِ پيءُ جو سکيو جيئڻ مشڪل ٿي پيو. جڏهين ڪين فرق نه ڪيو، ۽ ٻڪيون پڻ بي ڪار ثابت ٿيون، تڏهن پنهونءَ جي ڀائرن چنري، هوٺي ۽ نوتي پهه ڪيو ته ڪيئن به پنهونءَ کي آڻبو ضرور. پاڻ ۾ پهي، رٿ تيار ڪري، ٺيڪي ڪان اُٺن تي سوار ٿي، ڀنڀور ڏي اُسهيا.

سودي وٺڻ وارن جي پيه بس ئي نه ڪري. قافلي جي
هاڪ سسئيءَ جي ڪنن لوڙي پڻ پهتي ۽ هن پڻ خاصي
خريداريءَ جو ارادو ڪيو. هڪ ڏينهن هار سينگار
ڪري، سهيلين سان گڏجي، سسئي نڪتي سودو
چڪائڻ. ڪيچ جون واپاري وٿون ڏسي سسئي دنگ
رهجي ويئي. ويتر جو قافلي جي سردار کي ڏٺائين،
ته مورڳو پيرن هيٺان زمين کسڪڻ لڳيس. هوڏانهن
پنهونءَ جو پڻ حال علحدو ڪين هو. کيس پريان ئي
ڏسندي مٿس موهت ٿي پيو. خريد فروخت پوري
ٿيڻ تي سسئي گهر ته آئي، پر دل ڏيئي آئي هئي.
وجهه ملندي، هن پيءُ سان ڳالهه ڪئي. محمد هوتءَ
نه ڌيءُ جي هر ڳالهه رکندو هو، پر هيل کيس اُلڪو
ٿي پيو. پيو ته ڪو واندو ڪين هو، پر آخر پنهون
پرديسي ضرور هو. پرديسي پرينءَ تي ڪهڙو اعتبار!!
ڪتيءَ ڌيءُ کي گهڻو ئي سمجهايو، پر سسئي باز نه
آئي. آخر محمد پيا اعتراض ڇڏي اهو شرط ضرور
وڌو ته پنهون پار جو ويچار ڀلي، جيڪڏهن اُسانجي
پيشي کي لڳي ويندو ته پوءِ مائٽي بحال آهي. پنهونءَ
جي به سسئيءَ ڌاران حالت قياس جوڳي هئي. پيو
وسيلو نه ڏسي هن پنهنور پر رهڻ باسيو ۽ ڌوٻيءَ جو
ڌندو ڪرڻ کان عار نه ڪيو. ڪپڙا جو کيس ڌوئڻ
لاءِ ڏنا ويا ته هن دل لائي کيپ لاٿي. پر هڪ طرف
هٿ ڦٽي ڦاڪون ڪري ڇڏيائين، ته ٻئي طرف ڪپڙا

قيرو اُچي ويندو. پنهون ۽ سسئي ھيءَ خبر ٻڌي
خوش ٿيا. ھڪ ٻئي جي صحبت ۾ سندن وقت ھاڻ
وڌيڪ عمدو گذرڻ لڳو ۽ مھنو ڪن ته جھٽ ۾ گذري
ويو. ھڪ وڏي ڏينھن چنري، ھوتي ۽ نوتي، پنھونءَ
۽ سسئيءَ جي ماني موڪلائي. ھن دفعي محفل ڪيچ
جي طعامن جي ڪٺي وئي ۽ اُنھيءَ طرف جا شراب
ڪلي ويا. ڪاڄن جي خوشبوءِ ۽ شرابن جي شيريءَ پنھونءَ
کي مست ڪري ڇڏيو. خوب ڪائيندو رھيو. رات ڳچ
وھامي وئي ۽ ان ڪري سسئي پڻ ننڊ آکڙي ٿي ۽
ڪانئن موڪلائي اُچي پلنگ تي ليٽي. پائر پاڻ ۾ ھئا ۽
ريھڏي پئي رھاٽيون ڪيائون. پل موج منائين، ڪنھن
کي ڪو شڪ اُلي چو!! چونه ته آخر پنھون نشي ۾
اُلوٽ ٿي پئجي رھيو. پائرن ڏٺو ته ھاڻ وجھه سونو
ليار آھي، وڌيڪ ويرم نه وڃائڻ گهرجي. سو پنھونءَ
کي چوڪنيو ٻڌي، پير پير ۾ ڪري، سرو سامان ڪٺي
رالو واھه ڪيچي، پيپور کي سلام ڪري، نڪري ھليا
پنھنجي وطن. اُت ٻه سڏ جي ڪاچ تي پلجي متارا ٿي
چڪا ھئا، جنھن ڪري جتن جي اشاري تي اُڏامندا
ھليا. صبوح جو سجھندي ٿيڻ ڪان اَڳه ھوُ ايڏو مفاصلو
طئه ڪري ويا، جو سندن پيڇو ڪري، ڪنھنجو ڪين
اُچي رسڻ مشڪل ھو. سسئي ٻه اُنھيءَ ڏينھن اُلبت
چرڪو اُلي، ھر سن سنالو ڏسي ھـوءَ محفل واري
ڪمري ۾ آئي ته پت بنھه صاف لڳو پيو ھو. پنھون ۽

جڏهن اَچي اُنهن جي ٻيڙ ۾ پنهنجا وَهٽ هشايا هئس، تہ شهر ۾ خبر جهٽ ڦهلجي ويئي تہ سسئيءَ جا ڏير ڀنڀور اَچي سهڙيا هئا. سسئي ۽ پنهون پــاڻ ۾ اَهڙا پنهنجا ٿي چڪا هئا، جو ڪنهن قسم جو اُلڪو اُتي نٿي سگهيو ۽ سسئي سيگهہ ڪري، ڏيرن جي مرحبا ڪرڻ ڪاڻ پنهونءَ سان گهران نڪتي. چنرو ۽ سندس ڀائر پڻ سٽ ڪڍندا پٺيان آيا ۽ جهٽ ٻئي ڏيرون اَچي پاڻ ۾ گڏيون. پنهون ڀائرن سان ڀاڪر پائي گڏيو ۽ سسئيءَ پڻ سندن سهڻي ڪيڪار ڪئي. پوءِ سڀ گڏجي گهر آيا. سسئي تہ خوشيءَ ۾ نہ پيئي سمائجي. ڏير ڪهي گهر آيا هئا تن جي خاطريءَ لاءِ جي هن يتن ڪيا، سي سندس سيرت جي ساک ٿا ڀرين. طرحين طرحين طعام تيار ٿي ويا، اُهي ڪاڄ سواديءَ جي هنن ڪڏهن چکيا بہ ڪين هئا. ڀاڄائيءَ جو قرب ڏسي هوتي ۽ نوتي کي ويچار ويڙهي ويو تہ هھڙيءَ حليم ٻانهن سان ڪوڙو ٿمبو ڪيئن! رسوئي ڪائي، ننڊ آرام ڪري، ڀائر وينا حال اَحوال وٺڻ. پنهون پيءُ جي عليلائيءَ جو ٻڌي اَلبت ڀنو، پر سسئيءَ جي سڪ کيس اَهڙو سوگهو ڪيو هو، جو ڀنڀور هن لاءِ ڇڏڻ مشڪل هو. ڀائرن اَچڻ جو اِهو ٻهانو ڏٺو تہ ڪين پنهونءَ ڏٺي وقت ٿيو هو، ويتر جو پڻ نيڪ نٿي گذاريو تہ ويچار ڪيائون تہ ”پنهونءَ سان گڏجي اُڪٿين ڏٺو اَحوال جي اَبا جان کي ڪري ٻڌائبو تہ سندس صحت ۾ واهہ جو

اُٺي. اهوئي رودن ٻُڏڪو، روڄ راڙو وري چالو
ٿي ويو. صبوح ساڻ مائٽن کي ٻڌايائين ته آءٌ اُنن جو
پيرو وٺي وڃان ٿي پنهونءَ پنيان. دوس کان سواءِ جيئڻ
مون لاءِ جنجال آهي. اِئين اَڪيلو جالڻ مون لاءِ مشڪل
آهي." مائٽن گهڻيئي وات وڌا، منٿون ڪيون، پر
وريو ڪجهه به ڪين. ميل ڪپڙن سان، وار اَڻ ويڙهيل،
اِئين ئي نڪري پيئي. اَندر جي اُڌمن سسئيءَ کي
متوالو ڪري وڌو. هلندي هلي، ڳائيندي هلي،
روئندي هلي، ڏوراپا ڏيندي هلي، دعا گهرندي هلي، قسمت
پٽيندي هلي، حال اوريندي هلي، هلندي ئي هلي،
"ناهي ويل وهڻ جي." رستي ۾ پٿر ڇا، جبل ڇا؛
وڻ ڇا، وليون ڇا؛ ڪنڊا ڇا، ڪرڙ ڇا؛ ڏسڻو هوئي
ڇا! پنهونءَ سواءِ ڀرتيءَ تي پسڻو ئي ڇا هو!! ڏينهن
رات هڪ ٿي پيا، ۽ پير پٿون؛ وار ويرون ۽ ڪپڙا
ليڙون؛ پر سسئي پوريندي هلي پنهونءَ ڏي. پنهون
۽ پنهون، ٻي ڪا وائي وات تي اَچيس ڇو ٿي. وهيو
به مٿس ويل هو. پنهونءَ جي وڇوڙي کيس بانولو
ڪري وڌو هو ۽ هوءَ پنهنجي سيل ستيا جي زور تي
اَڻ ڏٺل اَٽانگا پٽ، ست ڏينهن پار ڪري ويئي. پب
جبل وٽ پهتي ته ٿڪ ۽ اُڃ منڊ ماندي ڪري وڌي.
قدرت سائينءَ جي جو هونءَ ڇڙهيون هٽندي اِتي ئي
شايد سسئيءَ جو ساهه ڪانئس موڪلائي وڃي ها،
پر ويجهو ڪٿي صاف پاڻيءَ جو چشمو هو، ۽ اِنهيءَ

سندس پائون جو ڪٿي به ڪو به نالو نشان نظر ڪين
آيو. سسئي نه سراڀجي، اُنيئي پٽ تي سڌجي پيئي.
ھھڙي ويساھه گھاتي!! نه ڪنھن ڏٺي نه ٻڌي!!! سسئيءَ
جي پٽ تي ڪرڻ ڪري جو ڏڪاءُ ٿيو ته گھر جا ٻيا
ڀاتي ڀڄ اچي مڙيا ۽ ٻنھه وائويلا مچي ويئي. شھر ۾ خبر
باھه جيان ڦھلجي ويئي. محمد ھرطرف ماڻھو چاڙھي
مڪا، پر ڪو خاص ڪــڙتيل ڪين نڪتو. ويچاري
سسئيءَ جي حالت حد قياس جوڳي ھئي. نه فقط چھرو
بدلجي ويس، پر آھڙي وسميءَ ۾ پئجي ويئي جڻ
حياتي بي معنيٰ ٿي چڪي ھئي. جيجل ماءُ گھڻو ئي
سمجھايس، پڻس ڪيڏي دلداري ڏنيس، پر آئريس
ڪجھه به ڪين. ڪجھه منو لڳندو به ڪيئن؟ ڏيرن نه
ڪٽي ٻ وھه ڪيو، پر پنھونءَ کي ڇا ٿيو ھو! ھيءُ ٻاڙ
آھن پيار جا!! ھڪ خيال ٿي پيرو ٿيو ته ٻيو ٿي اُنجي
جاءِ تي آيو. ماني ٻاڻيءَ جي نه ٻچا ئي ڪانه ھئي.
حياتي ئي وھه ٿي پيئي ھئي، نه اُجھندو وري ڇا!!
سڄ لھي سانجھي ٿي، پر سگھه پتو ڪونه پيو. سسئي
گيچ ڳاريندي رھي. ڪيس به ڪو حل يا حيلو ڪونه
سجھيو. سنجھا بدلجي رات ٿي. آخر سڏڪا ڀريندي
سسئيءَ جي مس ڪري اک لڳي. مائٽن کي به پيٽ
۾ ڪجھه ساھه پيو. پر ھوءَ به ڇني نه سگھيا ته آخر
قصو ڪيئن وڃي بيھندو. اندر جي اُلجھن ننڊ به
حرام ڪيو ڇڏي. اڃا پھر مس گذريو ته سسئي جاڳي

اَندر ٻيھي ويٺي ھئي. ايل پنوھار ھيءَ اِسرار پسي، ٻئر ميڙي، چنريءَ چوطرف لوڙھو ڏيئي، مجاور ٿي ويھي رھيو ۽ سڪ وارا لانگھائو سندس وارنا سٽي، سڪ صدقي ڪيس سندس پلاند ۾ ڪجھ نہ ڪجھ ڏيئي وڃڻ لڳا.

ھوڏانھن جڏھن پنھونءَ جا نشا ٽٽا تہ پاڻ کي ڪجائي ۾ سوگھو ٿيل، پيل ڏٺائين. جڪ جھجھا ڪاڏائين، پر وس اَصل ڪين ھليس. سسئيءَ جي سار ۾ روئي پاٽي ورنائڻ بلڪل ٿي ڇڏي ڏنائين. آخر قافلو اَچي ڪيچ رسيو ۽ پنھونءَ کي آري جام اَڳيان آڻي بيھاريائون. پٽ پنھونءَ جا ھيءَ حال ڏسي جام دکي ٿيو. ھن کي پنھنجي بيماري بنھہ وسري ويئي، ڪيس اِنھيءَ اَلڪي اَچي ورايو تہ جي پنھون ھنن ٻن ڏينھن ۾ ھيئن ھجي ويو آھي تہ اَڳتي اَلائي ڇا ٿيندو!! پيءُ، پنھونءَ کي پرچائڻ جي ھرڪا ڪوشش ڪئي. ڪيس حالتن کان چڱيءَ پر واقف ڪيائين، پر پنھونءَ سسئيءَ سواءِ گھارڻ ڪين قبوليو. آخر اِھو فيصلو ٿينو تہ پنھون پل پنيور موٽي وڃي ۽ سسئيءَ کي ساڻ وٺي اَچي. پنھون اِنھيءَ ڪارڻ سسئيءَ طرف موٽ ڪاڏي رستي تي اَنسنا ٻڌندو آيو تہ قصو ڪيئن ناھبو. سسئي مھڻا ضرور ڏيندي، ويساھ گھاتيءَ جي ملامت مٿان مڙھيندي، وغيرہ. پر پنھونءَ ھر ڳالھہ کي منھن ڏيڻ خاطر پاڻ کي تيار ڪندو آيو. جڏھن ايل پنوھار وٽ

آنڌ مانڌ ۾ هيڏانهن هوڏانهن وائڙن جيان ڊوڙندي ڪندي، سسئي اچي چشمي ڪي رسي ۽ پاڻي پي ٿڪ ڀڳائين. پوءِ پار ڪري هاڙي جي پاڙ وٽ پهتي ته ڦوڙنديءَ ڦوه ۽ چوهه سان وهندي، ڪيس اڳتي وڌڻ نه ڏنو. حد نا اُميد ٿي، لاچار پنتي هٽي، مابار نيءَ جي نزديڪ پهتي ته اچي شام ٿي. اتي جبل تي ڪيس ڪنهن ٻڪرار جي جهوپڙي بيٺل نظر آئي. اوڏانهن وڌي ايل پنوهار کان پڇا ڪيائين ته اتان ڪو قافلو ته ڪين لنگهيو هو. پنوهار جبل ۾ اڪيلي عورت ڏسي البت اچرج ۾ پيو، ويتر جو هوءَ چنڊ منهن واري هئي تنهن منجهس خيال ٿي اُلٽا ۽ ٻڇڙا جاڳايا. سسئي سڀ جهت ۾ جهٽي ويئي ۽ ايل پنوهار کي هٽائڻ جو ڀهانو سٽيائين. چيائينس ته اُڃايل آهيان، جي چڪو کير جو پيارينم ته هوند جيءَ جاءِ ٿيم. پنوهار خوش ٿي کير ڏهڻ لاءِ ڏڻ ڏانهن وڌيو، ته سسئيءَ سائينءَ کي سوال ڪيو ته ”هي بي-وسيلن جا وسيلا، هن ويلي واهر ڪر. ڌرتي جاءِ ڏئي ته هوند اندر پيهي وڃان“ ٿيو به ائين. سسئيءَ جو سوال ڪرڻ ۽ زمين جو زلزلو ٿيڻ. سسئي به بنا سانگي خال ۾ اندر لنگهي ويئي ۽ زمين وري سڌي ٿي ويئي. پنوهار جو ڪجهه مهل کان پوءِ واپس وريو، ته عورت نهي ٿي ڪانه. فقط سندس چنريءَ جي ڪنڊ، جا ٻاهر رهجي ويئي هئي، تنهن مان پتو پيس ته منڍ انهيءَ هنڌ

پهتو ته ٽوڙي آهس ته اُهي جبل تي اُجڙو لوڙهو هو ني
ڪونه. سو ٻنوهار ڪان ٻچايائين. ڳالهه ٻڌندي ئي وٺي
چنريءَ جي ڪنڌ تي نظر پيس ۽ اِها هڪدم سڃاتائين.
شڪ اوڏيءَ ويل ٽانئي ويس. يڪدم ٻروڙي ويو ته
قصو ڪيئن ٿيندو ۽ جڏهن ٻنوهار ڳالهه پوري ڪري
رهيو ته ٻنهون اُهي سڏڪن ۾ پيو. زارون زار روئي
جڏهن من ڪجهه هلڪو ڪيائين، تڏهن پيو ڪو واءُ
وسيلو نه ڏسي ڏاتار کي ٻاڏايائين ته ”ڪو قرب ڪر،
سسئي ملاءِ.“ ڏکيءَ سندس ٻڌي. ڏرتي جو ڏڏي
هئي نه اُها پوري سنوس لي ڪانه آئي هئي، جنهن ڪري
ٻيهر ٻيو زلزلو ٿيو. چنريءَ وارو هنڌ وري ڪلي پيو ۽
ٻنهون، سسئيءَ جي سڏ تي اندر لنگهي ويو. زمين
ٿوري دير ۾ وري ٻکي سڌي ٿي ويئي. اهل ٻنوهار
هيءَ اِسرار ڏسي دنگ رهجي ويو ۽ جڏهن سچي
حقيقت جو پورو جائزو ورتائين ته پيا وسيلا واهون
ڇڏي، قبر اَڏي، عاشقن جي آسري اِتي ويهي رهيو.